سکر مان شايع ٿيندڙ صحت، ماحوليات، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت پهريون علمي ميگزين

# MONTHLY **SCIENCEE JAAN** SUKKUR

## ماهوار

# سائنسي ڄاڻ

## سکر



راتيون ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ توهان لاءِ مسخر ڪيائين ۽ ستارا بہ ان جي حڪم سان مسخر آهن
بيشڪ ان ۾ عقلمند قوم لاءِ نشانيون آهن. (القرآن سورة النحل آيت نمبر 12)

A CHOICE OF NEW GENERATION

MONTHLY

# SCIENCEE JAAN

SUKKUR

A Magazine About Health, Environment, Science and Technology

Member of Sindhi Periodicals Society

جلد ۱ شمارو ٽيون سيپٽمبر ۲۰۰۰ع ملهہ في ڪاپي 8 رپيہ

## جوڙجڪ

| | | |
|---|---|---|
| خبرون خير جون | (ادارو) | 2 |
| ساهوارا | | 3 |
| ٽي بي ڇا آهي؟ | | 4 |
| ڪمپيوٽر جنهن کي اوهان قابل ٻڌايو ٿا | | 6 |
| پاڻ ڪريم ﷺ جن جي بهادري | | 8 |
| نم جو وڻ | | 9 |
| جيتن جي دنيا | | 10 |
| انسانی ترقی میں ایکسریز کا کردار | | 13 |
| مفيد طبی مشورے | | 14 |
| ڪمپيوٽر | | 15 |
| ايڊيٽر جي ڊاڪ | | 17 |
| ڪوئز پروگرام | | 18 |
| پيٽرول | | 20 |
| ويهين صدي سائنس ترقي ۾ | | 23 |

ڪمپوزڊ باءِ: آصف علي ماڪا ۽ محي الدين انڍڙ
السعود ڪمپوزنگ سينٽر پٺائي اسٽريٽ ڊڪ روڊ سکر

ماهوار

# سائنسي جاڻ

سکر

اتر سنڌ جي مرڪزي شهر سکر مان صحت، ماحوليات، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي بابت معلومات ڏيندڙ پهريون رسالو

Dr. Ali Murtaza Dharejo

**ايڊيٽر:** ڊاڪٽر صبغت الله انڍڙ
**سب ايڊيٽر:** عزير احمد انڍڙ
**شعبہ اشتهارات:** ثناء الله سومرو (ڪراچي)
اڪبر علي شيخ (سکر)

**خط و ڪتابت لاءِ**
ايڊيٽر ماهوار "سائنسي جاڻ" سکر
پوسٽ باڪس نمبر 29 جنرل پوسٽ آفيس سکر

سنڌ جي هر شهر لاءِ نمائندا گهرجن

**نمائندا**

**بدين:** ناز منو مل مهشوري، **حيدرآباد:** عثمان حسنين،
**گهوٽڪي:** راجا محمد علي
**گدو:** محمد اسلم "مسرور" انصاري
**سکر:** شفيق احمد ماڪا

هن ميگزين ۾ شايع ڪنهن بہ مضمون سان اداري جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

هي رسالو ايڊيٽر ۽ پبلشر ڊاڪٽر صبغت الله انڍڙ پرائما پرنٽرس مان ڇپرائي دفتر ماهوار "سائنسي جاڻ" ڪوئنس روڊ سکر مان شايع ڪيو

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# خبرون خير جون

اڄ ڪلهه ٽي وي، ريڊيو يا اخبارن ۾ جنهن شي کي تمام گهڻي شوق ۽ توجه سان ڏٺو ۽ پڙهيو وڃي ٿو اهو آهي. اسپورٽس جي حصو. ٻاهرين دنيا جي ته گهڻي خبر نه آهي. البته پياري وطن جو جو پوڙهو هجي يا جوان، عورت هجي يا مرد. ننڍو هجي يا وڏو جڏهن ڪا راند ٽي وي تي هلندڙ هوندي ته دنيا وما فيها کان غافل ائين پيا تاڙيون وڄائيندا ڇڻ ملڪ دستي، دشمن ملڪ جي ڪنهن حصي تي قبضو ڪيو هجي گهر ۾ ڀلي ڪو عزيز يا مائٽ ڇو نه دنيا کان موڪلائڻ وارو هجي پر جيستائين ڪمنٽري هلندڙ هوندي يا راند جاري هوندي ڀلي مائٽ جو جنازو ڇو نه کڄي وڃي هي شوقين ٽي وي تان نه چرندو.

خبر نه آهي اسان جي قوم کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي آهي جو هڪ بي مقصد ڪم لاءِ ايڏو وڏو نقصان برداشت ڪن ٿا. جنهن ڏينهن ميچ هوندي ان ڏينهن آفيسن، ڪارخانن دوڪانن، بازارن ۽ تعليمي ادارن وغيره ۾ ڪاروهنوار صفا چٽ ۽ ملڪ جو ڪروڙين نه بلڪه اربين روپين جو نقصان.

لڳي ائين ٿو ته باقاعده منصوبه بندي سان مسلم امة کي مفلوج ڪرڻ هن کي اصل ڪم، ترقي، تعليم ۽ کوجنا کان منهه موڙڻ لاءِ اهو رستو ڏيکاريو ويو.

تاريخ جي طالب علم جي حيثيت سان جيستائين مون کي معلوم ٿيو آهي ته دنيا جي ڪنهن به قوم اڄ تائين راند روند ذريعي ترقي ته نه ڪئي آهي البته ڪڏهن شرطن ڪڏهن ٻيڻسري ۽ ڪڏهن ڪنهن ٻئي شغل ذريعي ملڪ ضرور وڃايو آهي.

علامه اقبال پڻ ان طرف اشارو ڪيو آهي ته آ تجه کوبتاوں تقدير اهم کيا هے شمشيرو سناں اول طائوس رباب آخر شاعرن جي شهنشاهه ۽ پٽ جي اولياءَ وري ان طرف ويو آهي ته رب رسي مت کسي هٽي ڪين هٿيار ڏسي اهو پار جنهن ۾ جوکو جيءَ جو.

عوام ته ٺيو عوام پر قوم جي اڪابرين کي به راند روند جي ترقي جو غم کاڌيو وڃي ٿو.

وقت نه ويو آهي هاڻي به موٽڻ فائدو وارو آهي پنهنجي اصلاح ڪيو ۽ انهي واسينگ نانگ کان علم ۽ هر جي ذريعي جان ڇڏايون سائنس ۽ ٽيڪنالاجي تي ڀرپور توجه ڏيون، راند روند ۽ ٻين تباهي وارن ڪمن، بدنام زمانه سٽي باز، جواري، زاني ۽ ميچ فڪسنگ ڪندڙ رانديگرن تي قيمتي زر مبادله ضايع ڪرڻ بدران پنهنجي ملڪ ۾ صنعتون قائم ڪيون جيئن بيروزگاري جي عفريت کان به بچي سگهون.

# ساهه وارا قسط 4

از: مير محمد ايم. مهر رٽائرڊ ڊائريڪٽر زراعت

**6. ساپا ۽ چورون (ANNELIDA) :** هي جانور ملي ميٽر کان به گهٽ ۽ هڪ ميٽر کان به وڏا ٿين. سندن جسم سمورو گول ڊگهو پر حصن ۾ ورهايل ٿئي ٿو. جڻ تسبيح وانگر لڳن ٿا. هي سمنڊ تازي پاڻيءَ تلائن ۽ گپ چڪ ۾ رهن ٿا. هاضمي وارا عضوا ۽ رت جون ناليون ڊگهائي ۾ آهن ۽ انهن کي ڪوبه جوڙ نه ٿئي جيئن ٻاهران جوڙ جوڙ لڳن ٿا. نر ماد ساڳي فرد ۾ ٿين ٿا پر به فرد پاڻ ۾ ملي نرماد وارو رشتو قائم ڪن ٿا. ان کان علاوه سواءِ نرماد جي پنهنجي بدن جي حصن مان ڌار ٿي فرد ٿهن. پاڻيءَ ۾ تريو وڃن ۽ اڪثر مٽيءَ اندر گپ ۾ رهن. خشڪيءَ ۾ رکڻ سان مريو وڃن. ڪي وري جانورن توڙي ماڻهوءَ کي چڪ پائي لڙڪي رت پيئن جيڪا سندن جسم جي وزن کان ڏهوڻ جيتري ٿيندي.

**7. ڪوڏ ۽ گينگها (MOLLUSCA)**

ڪوڏ، گينگها، آڪٽوپس آسٽر وغيره هن گروپ ۾ اچيو وڃن. اٽڪل هڪ لک قسم معلوم ڪيا ويا آهن. گهڻو ڪري پاڻيءَ ۾ رهن پرڪي وري ٻوٽن جي هوائي حصن کي به نقصان پهچائين. تمام نازڪ بدن ٿين پر سندن جسم پٿريلي (SHELL) ۾ ڍڪيل ٿين. باغ واري ڪوڏ کان علاوه باقي گهڻو ڪري نرماد الڳ ٿين.

**8. وڇون، ڳالهڪٽ سوپيريون ۽ جيت (ARTHROPODA) :** هي جانور ڳنڍين يا حصن ۾ ورهايل ٽنگ وارا ٿين اٽڪل ڏهه لک قسم سڃاتا ويا آهن. دنيا جي هر حصي ۾ توڙي زمين، پاڻيءَ ۾ به رهندڙ آهن. هي واحد گروهه آهي جيڪو هر موسم، هر حالت ۾ ڪاميابيءَ سان گذارن ڪري رهيو آهي ۽ انساني توجهه ۽ اهميت جو حامل آهي ۽ سندس جنگ شروع کان جاري آهي، ڪي فرد وري انسان خدمت ۽ خوشحاليءَ جا ذميوار پڻ آهن. سندن ٽنگون گهمڻ، ٽپ ڏيڻ، ڪاڌي ڪائڻ، معلومات ڪرڻ ۽ بچاءَ لاءِ ڪم اچن ٿيون. بدن ٻاهرين سخت ڍانچي سان ڍڪيل آهي. جيڪو تمام سخت شيءَ مان ٺهيل آهي. هي ڍانچو مشڪن جي بيهڪ ۽بچاءِ لاءِ ڪم اچي ٿو. اکيون، دل، رت، محسوس ڪرڻ وارا سسٽم موجود آهن. پاڻيءَ ۾ رهندڙ وري ڳلڦرا استعمال ڪن. آواز ڪرڻ ۽ ٻڌڻ وارا اوزار به اٿن. پنهنجي واڌ پراڻي کل لاهڻ بعد سائيز وڌائڻ سبب جاري رکن، نرماد فرد الڳ الڳ آهن.

**9. ساموڊي ستارا (ECHINODERMATA)**

هي جانور پٿرائون جسم رکن ٿا. مرڪز کان پنجن طرف ستارن وانگر اندروني ۽ ٻاهريون جسم ڳنڍيل ٿئي ٿو. ڪيترن کي ڪنڊن نما سيون ٿين.اهي ستارن وانگر ٽيوب پير چرپر، ڪاڌي وغيره ۾ استعمال ٿين ٿا. نرماد الڳ الڳ ٿين. هي سڀ سمنڊ ۾ رهن ۽ اٽڪل ڇهه هزار قسم سڃاتا ويا آهن. ڪي فرد وري ڪنڊن وارا نه ٿين.

**B ڪرنگهي وارا جانور (VERTEBRATES)**

ڪرنگهي وارا جانورن ۾ ڪرنگهي وارو هڏو هوندو آهي.هنن کي ڪارڊيٽا (CHORDATA) پڻ سڏيو ويندو آهي. هنن گروهه ۾ ڪي جانور بنا ڪرنگهي پڻ رکيا ويا آهن جن کي لئنسليٽ (LANCELET)۽ ٽيونيڪيٽ (TUNICATE) چئبو آهي لئنسليٽ کي ڪرنگهي نما نوٽو ڪارڊ (NOTOCHORD) هوندو آهي. هي جانور سمنڊ ۾ رهندو آهي. ٽيونيڪيٽ ۾ ڳچيءَ وارو حصو ڪرنگهي وارو جانورن سان ملي ٿي.

ڪرنگهي وارن جانورن ۾ اکيون، نڪ، ڪن ۽ دماغ خصوصي طور وڌيل آهن. گهڻن جانورن جي ڪرنگهي ۾ ننڍيون ڳنڍيل هڏيون ٿين. رت جو سرشتو بند (CLOSED) ٿئي نر ۽ مادي الڳ ٿئي.

## ڪرنگهي وارن جانورن جا قسم

**1. هڱ ميون (AGNATHA)**:. هن گروهه ۾ هڱ مڇيون ۽ لئمپريز (LAMPREYS) اچي وڃن ٿيون. هنن ۾ جاڙيون نه ٿين. هڏائون پڃرو ڪچڙي هڏي جو ٿئي. هن سمنڊ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ٿين ٿا.

**2. شارڪ ۽ اسڪيٽ (CHONDRICHTHYES)**



# ڪمپيوٽر جنهنکي اوهان قابل بڻايو ٿا

قسط 5

علي خان منگي
پرنسپال پئسفڪ ڪمپيوٽر ٽريننگ سينٽر پنو عاقل

گذريل شماري ۾ آءُ ڪجهه (Input devices) جو ذڪر ڪيو هو. جن ۾ Scanner, Lightpen ۽ Joystick, Mouse Keyboard شامل هئا. ان سيريز کي جاري رکندي آءُ مزيد Input devices جي باري ۾ هيٺ واضح ڪريان ٿو.

**6. ڊجيٽل ڪيمرا (Digital Camera)**

هي هڪ انوکي قسم جي Input device آهي جنهن جي ذريعي ڪمپيوٽر ۾ اها تصوير آڻي سگهجي ٿي. جيڪا اسين عام ڪيمرا جي مدد سان وٺندا آهيون. ان ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ هن ڪيمرا ۾ هڪ قسم جي "Disk" داخل ٿيل هوندي آهي جيئن ئي ڪا تصوير ان ڪيمرا سان ورتي وڃي ٿي، ان جو "Image" ان ڊسڪ تي ڪاپي ٿي وڃي ٿو. بعد ۾ اها ڊسڪ ڪمپيوٽر ۾ داخل ڪري ان تصوير کي ڏسي سگهجي ٿو. اڳتي هلي ان تصوير کيSoffwares جي مدد سان بدلائي به سگهجي ٿو.

**7. ٽريڪ بال (Track ball):** ٽريڪ بال مائوس جيان ڪم ڪندڙ هڪ input device آهي. صرف ايترو فرق آهي ته هن کي مٿين سطح تي بال "Ball" لڳل هوندو آهي. جنهن کي هٿ سان ڦيرائي ڪرسر Cursor کي Move ڪري سگهجي ٿو.

**8. مائيڪرو فون (Micro phone):**

ڪمپيوٽرن جو ايندڙ نسل ايترو ته Advance هوندو جنهن ۾ ڪمپيوٽر لفظن کي آوازجي صورت ۾ٻڌندو ۽ انهن تي عمل ڪندو ان مقصد لاءِ مائيڪرو فون جو استعمال ڪيو ويندو آهي. جنهن جي مدد سان ڪمپيوٽر هدايتون وصول ڪندو. مائيڪروفون جي مدد سان ڪمپيوٽر ۾ آواز رڪارڊ ڪرڻ جي صلاحيت به پڻ آهي.

ڪمپيوٽر جو پهريون عمل "input" وٺڻ آهي ۽ ان عمل کي سر انجام ڏيڻ لاءِ جيڪي "Devices" استعمال ٿين ٿيون انهن مان چند کي آءُ مٿي واضح ڪيو آهي. درصل ٻيون به ڪيتريون ئي Devices آهن جيڪي ان مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿيون.

هاڻي آءُ ان ڳالهه کي واضح ڪندس ته جيڪا Data اسين مٿين "Devices" جي ذريعي ڪمپيوٽر ۾ داخل ڪريون ٿا اها ڪيئن ڪمپيوٽر جي اهم حصي C.P.U ۾ منتقل ٿئي ٿي. هي طريقو ائين آهي جيئن اسين ڪن، اکين يا ڇهڻ جي مدد سان data حاصل ڪري ذهن تائين پهچايون ٿا. بلڪل ساڳي طرح هر "Input device" ڪمپيوٽر جي اهم يونٽ "C.P.U" سان جڙيل ٿئي ٿي C.P.U جو مقصد Central prorcessing Uni آهي




External envirmment

انهن مختلف قسم جي "devices" مان ايندڙ "input" کي "C.P.U"پنهنجي(Machines languages) ۾بدلائي ٿوءِ پوءِ ڄاڻي وٺي ٿو ته ڪيس ڪهڙي ڪم لاءِ حڪم ڏنو ويو آهي پوءِ ان حڪم جي مطابق هو عمل ڪري " Out put " مهيا ڪري ٿو. انسان جي ذهن وانگر C. P. U جو ذهن به

ڪيترائي ڪم ڪري ٿو جيئن ذخيرو ڪرڻ، ڏنل هدايتن کي سڃاڻڻ، صحيح ۽ غلط جو فيصلو ڪرڻ ۽ ڪنهن ڪم کي اڳتي وڌائڻ، C.P.U جي انهن مختلف نوعيت تي ڪمن کي ٻن درجن ۾ ورهايو ويو آهي.

پهريون Storage ۽ ٻيو C.P.U Pro-cessing هر ايندڙ هدايت کي پهريائين ذخيرو ڪري ٿو ۽ پوءِ ان تي عمل (Processing) ڪري ٿو . ذخيرو ڪرڻ لاءِ هن کي هڪ Memo-ry آهي، جتي هر هدايت ائين رکي ويندي آهي جيئن اسان ڪنهن پيپر وغيره تي لفظ درج ڪندا آهيون. بعد ۾ جڏهن ان کي عمل ڪرڻو هوندو آهي ته گهربل Data کي ميموري مان ڪٽي Processor ڏانهن اماڻيندو آهي. Processor جيڪي مرحلا طيءِ ڪري ٿو. انهن ۾ اسپيڊ، وقت ۽ Data جو نتيجو Result شامل آهن. ان ۾ هڪ System clockٿيندو آهي. جيڪو پروسيسنگ جي اسپيڊ نوٽ ڪري ٿو. پروسيسر جي اسپيڊ ميگا هرٽز Mega hertz سان ظاهر ڪئي ويندي آهي. جيترو وڌيڪ ميگا هوٽز وارو پروسيسر هوندو. اوترو ئي وڌيڪ پروسيسنگ تيز ٿيندو آهي. اڄڪلهه جيڪي مارڪيٽ ۾ پروسيسر اچن ٿا. انهن جي اسپيڊ MHz 450 MHz, 400 MHz 500 MHz, 550 وغيره آهي ۽ پروسيسر ٺاهڻ وارين جيڪي ڪمپنيون آهن تن ۾ "Pentium" Celeron وغيره نام نهاد آهن. پروسيسر هڪ وڏي (I.C) جي صورت ۾ ٿئي ٿو (C.P.U) جو پورو نظام هڪ سرڪٽ بورڊ تي منظم ڪيل آهي. هن سرڪٽ بورڊ کي Mother board يا System board بہ چيو ويندو آهي. هن ۾ ميموري، پروسيسر ۽ هر Input يا Output جي Device لاءِ Plug مخصوص ڪيل آهن. Mother board تي ڪمپيوٽر استعمال ٿيندڙ هر device لاءِ Slots مخصوص ڪيل آهن. اڄڪلهه جڏهن ڪمپيوٽر جي ڳالهه هلي ٿي ته هر هڪ Processor جي ڳالهه ڪري ٿو. هيٺ آءٌ انهن سمورن Processorsجي فهرست ظاهر ڪريان ٿو جيڪي جديد ڪمپيوٽر ۾ شروع کان استعمال ٿيندا آهن. ان فهرست ۾ ڪجهه Processor اهڙا آهن جن جي "production" ختم ٿي وئي آهي. هن فهرست ڏيڻ جي مقصد صرف اوهان کي صرف Processor جي نالن سان واقفيت ڏيڻ آهي. هلندڙ

| Processor name | Data introduced |
|---|---|
| Intel 8088 | 1979 |
| Motorolla 6800 | 1979 |
| Intel 80286 | 1982 |
| Motorolla 68020 | 1984 |
| Sun Micro systems | 1985 |
| Intel 80386 DX | 1986 |
| Intel 80486 DX | 1987 |
| Motorolla 68040 | 1989 |
| I BM Risk 6000 | 1990 |
| Sun Micro systems Microspar | 1992 |
| Intel Pentium | 1993 |
| IBM Motorolla/ Apple/ PPC RISC | 1994 |

## معلومات

1. ايٽم بم اوپن هيمر ايجاد ڪيو.
2. ريل جو انجڻ جارج اسٽيفن ايجاد ڪيو
3. ٽيلي فون گراهم بيل ايجاد ڪيو.
4. پستول ساموال ڪولٽ ايجاد ڪيو.
5. بندوق ٽارٽن ايجاد ڪئي.
6. بحري جهاز فلٽن ايجاد ڪيو.
7. هوائي جهاز ٻن ڀائرن دلبررائٽ ۽ اورويل رائٽ ايجاد ڪيو
8. اسڪوٽر براڊشا ايجاد ڪيو.

**موڪليندڙ:- راجا محمد علي دايو گهوٽڪي**

# پاڻ ڪريم ﷺ جي بهادري ۽ شجاعت

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالوحيد انڍڙ ڊگري ڪاليج روهڙي

بهادري جي وصف انسانيت جي اعليٰ جوهر ۽ اخلاق جو سنگ بنياد آهي، هن وصف سا همت، عزم و استقلال ، حق گوئي، بي باڪي ۽ سچائي وغيره پيدا ٿينديون آهن.

پاڻ ڪريم کي سوين مشڪلاتون ۽ خطرا ۽ ڪيترين جنگين ۽ غزوات پيش آيا. دين اسلام جي ترويج ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ دشمن جو خطرو هردم سر تي رهيو پر ڪڏهن به سندن همت ۽ ثابت قدمي ۾ لرزش نه آئي ڪفر ۽ اسلام جي پهرين فيصلہ ڪندڙ غزوه بدر جي موقعي تي 313 مسلمان معمولي هٿيارن سان هڪ هزار ڪافرن جي جديد ترين هٿيارن واري لشڪر سان آمهون سامهون هئا. اهڙي نازڪ دور ۾ جڏهن بي سامان اسلامي لشڪر جا مجاهد تڪجي اچي پاڻ سڳورن جي دامن ۾ اچي پناهہ حاصل ڪندا هئا. حضرت علي رضہ شير خدا فرمائين ٿا تہ غزوه بدر ۾ لڙائي جو زور وڌي ويو تہ اسان اهڙي نازڪ وقت ۾ پاڻ سڳورن جي آڙ ۾ اچي وڙهندا هئاسون پاڻ سڳورا سڀ کان وڌيڪ بهادر هئا. ان ڏينهن مشرڪن جي صف جي سڀ کان نزديڪ پاڻ سڳورا ئي بهادري جا جوهر ڏيکاري رهيا هئا.

غزوه حنين جي موقعي تي هوازن قبيلي جي جنگ جو ۽ ماهر تير ،ندازن اوچتو تيرن جو مينهن وسائي ڇڏيو. ڪيترن بهادر مسلمانن جا پير اکڙي ويا پر پاڻ سڳورا اهڙي نازڪ وقت ۾ بہ پنهنجي ڪجهہ جانثار ساٿين سان گڏ ميدان ڪارزار ۾ ثابت قدم رهيا ۽ وري وري پنهنجي خچر کي اڳتي وڌڻ لاءِ هڪليندا رهيا.

حضرت برار رضہ جيڪي ان غزوه ۾ شريڪ هئا. انهن کان ڪنهن سوال ڪيو تہ ڇا توهان غزوه حنين ۾ لڪي پيا هئا فرمايائون تہ هائو. پر مان شاهدي ڏيان ٿو تہ پاڻ سڳورا پنهنجي جاءِ تان ذري برابر بہ نہ هٽيا هئا. خدا جو قسم! جڏهن لڙائي پوري زور سان شروع هئي تہ اسان پاڻ سڳورن جي پاسي ۾ اچي پناهہ وٺندا هئاسون ۽ اسان مان سڀ کان وڌيڪ بهادر اهو ليکيو ويندو هيو جيڪو پاڻ سڳورن سان گڏ بيهي لڙائي ڪندو هيو.

حضرت انس بن مالڪ رضہ فرمائين ٿا تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم سڀ کان وڌيڪ بهادر هئا. هڪ دفعي مديني پاڪ ۾ مشهور ٿي ويو تہ دشمن جي فوج اچي وئي آهي، مدينہ جا سڀ ماڻهو مقابلي لاءِ سنبري نڪتا. پر سڀني کان اڳ ۾ جيڪو شخص نڪتو اهي پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وسلم ئي هئا. تڪڙ جي ڪري پنهنجي گهوڙي تي هنو بہ نہ رکيائون ۽ پٺي اگهاڙي گهوڙي تي مدينہ جي چوڌاري گشت ڪري واپس اچي ماڻهن کي دلجاءِ ڏنائون تہ خطري جي ڪا ڳالهہ نہ آهي.

رحمتہ العالمين صلي الله عليہ وسلم جن ڪڏهن بہ ڪنهن ڪافر کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان قتل نہ ڪيوهو. ابي بن خلف پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جن جوسخت ترين دشمن غزوه بدر ۾ قيد ٿيو ۽ دستور موجب پنهنجو فديو ڏئي آزاد ٿيو پر ويندي ويندي چوندو ويو تہ ”مون وٽ هڪ تمام پلو گهوڙو اهي مان ان کي روزانہ جوئر کارائيندو آهيان ۽ ان تي چڙهي مان (نعوذ بالله) محمد صلي الله عليہ وسلم کي قتل ڪندس، غزوه احد جي موقعي تي انهي گهوڙي تي چڙهي پاڻ سڳوران ڏانهن وڌندو ۽ صفون چيريندو اچي رهيوهو صحابہ ڪرام جن ارادو ڪيو تہ ان کي رستي ۾ ئي پورو ڪجي پر پاڻ سڳوران صلي الله عليہ وسلم جن ڪين فرمايو تہ کيس اچڻ ڏيو. جڏهن ويجهو پهتو تہ هو رڙيون ڪندو ڊوڙندو موٽيو. ماڻهن ٿوڪيس تہ هي ايترو گهڻو زخم تہ نہ آهي جو ايترو ڊڄين ٿو. جواب ۾ چيائين تہ اهو سچ آهي تہ زخم معمولي آهي پر اهو محمد صلي الله عليہ وسلم جي هٿ جو ڏنل زخم آهي، نيٺ اهو ان معمولي زخم سان مردار ٿي مئو.

# نم جو وڻ

شعيب احمد انڊڙ

نباتات جي دنيا جو هڪ قديم وڻ ۽ قدرت جو حسين تحفو آهي. جنهن کي مختلف نالن سان ظاهر ڪيو ويو آهي. نم نيم، نيب، مارگوسا (Margosa) ارشٽ، رڪ وغيره.
نم جو وڻ ننڍي کنڊ جي تقريباً هر خطي ۾ هر علائقي ۾ موجود هوندو آهي. گهاٽو ڇانويرو وڻ آهي، مسافرن جي آرام گاهہ آهي، هن جو ٽڙ ٿلهو ۽ شاخون وڏيون وڏيون هونديون آهن جن ۾ سنهيون سنهيون ڏانديون تقريباً هڪ گرانٽ ڊگهيون هونديون آهن انهن تي ڏارين ڏاريون ٻنهي طرفن کان ڏاتي وانگر Streaked saw نازڪ پن هوندا آهن. جيڪي ڏاڙهون جي پن کان ڪجهہ وڏا هوندا آهن. موسم بهار ۾ ان تي گل لڳندو آهي. جيڪي خوشبو ۾ Bunch جي شڪل ۾ لڳندا آهن. عا طور تي اڇا ڪجهہ هيڊاڻ مائل هوندا آهن. جنهن ۾ منڙي منڙي خوشبو هوندي آهي، ماکيءَ جون مکيون نم جي گلن جي ماکي انساني معاشري کي تحفي طور ڏينديون آهن. ان جو ميوو تقريباً گول ڊگهو هوندو آهي. جيڪو ڪچي حالت ۾ سائو ۽ پڪي حالت ۾ ٿيڻ کان پوءِ هيڊو هوندو آهي. ميوي جي اندروني رطوبت ڪوڙي Bitter ۽ مٺي هوندي آهي، ان جي اندر هڪ گورو هوندو آهي. ڇلڻ تي سائي رنگ جو نظر ايندو آهي ان کي مغزنيب چئبو آهي، ميوي کي نموري بہ چئبو آهي. بعض ماڻهن جي نظر ۾ ان جو تمام جزا پهرين درجي ۾ گرم ۽ خشڪ آهن. انهيءَ اعتبار انهن جي ڪم خاصيتن جي اعتبار سان سوج هٽائيندڙ Resolrent آرام ڏيندڙ Demulcent آهي. پر پاڪستان ۽ هندوستان جا ماڻهو هن کي اول درجيِم سرد ۽ ٻئي درجي ۾ خشڪ سمجهندا آهن.

## مختصر ڪم ۽ خاصيتون

هن وڻ جي استعمال سان صفراء، بادي ۽ بلغم دور ٿيندو آهي، نڪ جي ريزش Effusion of nose ، ڪوڙهہ ۽ ٻگ جي بيماري جي ختم ڪرڻ جي لاءِ بہ هن جو استعمال فائديمند آهي.

## ڪيميائي جزا

نم جي ٻج جي اندر Resinous Oil موجود هوندو آهي. جيڪو Margosa Oil جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي. کل Bark جي اندر قدرتي طور تي Pesin Gum Sugar Tannin وغيره جا جزا Nomerystaline جي شڪل ۾ هوندا آهن. هڪ نوجوان نم جي وڻ مان هڪ خاص قسم جي عرق نڪرندو آهي. جنهن Poddy چوندا آهن. انهيءَ عرق ذريعي پيٽ جي ڪيڙن جو علاج ڪيو ويندو آهي، نم جون نمون دست ڏيندڙ ۽ پيٽ جي ڪيڙن لاءِ بہ مفيد آهن نم هڪ اهڙي قدرتي دوا آهي جيڪا لاعلاج زخمن کي جلد ئي تندرست ڪندي آهي. نم جا تازا پن صاف ڪري گرم پاڻي ۾ پيهي انهيءَ نپوڙي محفوظ رکي ڇڏجي ان کانپوءِ 50 گرام ڏاٿا 150 ملي ميٽر پاڻي ۾ ڀجائي رکجن اهو پاڻي صبح جو هاري ڇڏجي ۽ ٻئي ڏينهن 100 ملي ليٽر پاڻي ڏاٿن ۾ وجهي ڪري چڱي طرح مهٽي نپوڙي پاڻي رکجي، پوءِ ٻئي عرق صبح جو نيراني اڌ اڌا ڪلاڪ جي وقفي سان پي ڇڏهن ۽ ان کانپوءِ 2 تولا مصري کائجي اهو علاج 10 ڏينهن تائين ڪرڻ سان کهڙا بہ ڦٽ هجن. توڙي جسم جو وار جيترو حصو بہ ڦٽن کان خالي نہ هجي جلد ئي نيڪ ٿي ويندو. انهيءَ دوا جي استعمال جي دوران کنيون مٺيون ۽ بادي شيون نہ کائجن.

## نم جو تيل

هي تيل جذام، بواسير ۽ دل جي بيمارين کان انتهائي ڪارائتو آهي. اهو تيل هر قسم جي زخمن ۽ کل جي بيمارين جي لاءِ مفيد آهي.
ڪن جو وهڻ: نم جا 30 عدد پن اڌ پاءِ سرنهن جي تيل ۾ ساڙي ڇاڻي تيل محفوظ ڪري رکجي، اهو تيل ڪن جي سور، ڪن جي وهڻ ۽ ڪن جي ڪيڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ اڪسير آهي.
نم جا پن ريشمي ڪپڙن ۾ وجهڻ سان تڏين ۽ ۽ ٻين ڪيڙن کان ڪپڙا محفوظ رهندا آهن. ان جي گنديءَ ۾ جيڪڏهن نم جا پن چڱي مقدار ۾ ملايا وڃن تہ ان سوي کان محفوظ رهندو آهي. نم جي ڏندڻ استعمال ڪرڻ سان ڏند سنا چمڪيلا ۽ بيماري کان بچي ويندا. ان جي هميشہ استعمال سان پائريا جهڙي خطرناڪ بيماري بہ ختم ٿي ويندي آهي. مطلب تہ هي هڪ قدرتي تحفو آهي جنهن مان اسان کي بيشمار فائدا آهن جهڙوڪ اس ۽ گرميءَ کان بچاءَ. ان جون ڪاٺيون ٻارڻ لاءِ ان جا پن ٻڪرين جا چارڻ لاءِ، ان پن ۽ نموريون بيمارين جي ختم ڪرڻ لاءِ حاصل ڪندا آهيون، تہ ان کان سواءِ ماحول جي تحفظ لاءِ بہ هي وڻ نهايت ڪارآمد آهي.

# جيتن جي دنيا قسط 4

از: مير محمد ايم. مهر رٽائرڊ ڊائريڪٽر زراعت

جيتن جو تعداد ڌرتيءَ تي انسان جي اقتدار اعليٰ لاءِ هڪ ڪليل چئلينج جي حيثيت رکي ٿو. سندن انتهائي مختلف عادتن ۽ شڪيلن کين عجيب استطاعت بخشي آهي ۽ هو هر جڳهه تي، جتي ٻيو ڪو به جانور جيڪر رهي ڪين سگهي. موجود هوندا آهن. سواءِ اونهي سمنڊ جي اهڙيءَ طرح قطبن کان ڪوسي ڪمر بند تائين، بيابانن کان گهاٽن ٻيلن تائين. زمين جي اندر ۽ مٿاڇري تي ٻوٽن ۾ ۽ وهندڙ پاڻيءَ اندر، سندن موجودگي نمايا هوندي آهي پر سندن هوا اندر شديد ۽ قوي هوندو آهي. جيتن کي سندن موروثي حالات جي مطابق موافقت بيحد عظيم وسعت عطا ڪئي آهي ۽ هو موجود حالتن سان ايترو ته هم آهنگ ٿيو وڃن جو حالت جي ڦير گهير سبب ڪن جو ته وجود ئي ختم ٿيو وڃي ته ڪن لاءِ وري بدلجندڙ حالات مطابقت رکن ٿا ۽ سندن بيشمار واڌ جو ڪارڻ بڻجن ٿا.

اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته جيتن جي کل ۾ ڇڪجڻ (STRETCH) جي قوت بلڪل ڪو نه ٿيندي آهي. ان ڪري جيت بيشمار خوراڪ هوندي به جلد وڏي نٿو سگهي ۽ مقرر عرصي ڪانپوءِ پنهنجي پراڻي کل لاهي ان جي جاءِ تي وڏي، ويڪري نئين کل ناهي ٿو. جيڪا سندس وڌندڙ جسم ۽ وزن لاءِ موزون ٿئي ٿي.

اها نئين کل پڻ خشڪ ٿيڻ بعد وڏي نٿي سگهي ۽ اهڙيءَ طرح مقرر اندازي مطابق مڪمل بالغ جيت ٿيڻ تائين ان کي ڪيتريون ئي کلون لاهڻيون پون ٿيون. پر عام طرح جيت 4 کان 6 کلون لاهيندا آهن. بالغ ٿيڻ ڪانپوءِ کل ڪونه لاهين ۽ نه وري سندن جسم ۾ ڪا واڌ ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو ٻچائي کل لاهي پنهنجي نسل جي مخصوص قد ۽ مقدار مطابق وڏي سگهن ٿا.

سڀني جانورن جو وجود ماحول يا آسپاس جي جزن جهڙوڪ نسبتاً زياده خوراڪ، پاڻي، حفاظت، گرمي، روشني ۽ هوا جو بخار تي بيحد منحصر آهي. جيت پنهنجي واڌ ۽ عمل کي بدلجندڙ حالتن ۾ هڪجهڙو رکي نٿا سگهن. جيئن ڪير پياريندڙ جانور، گرمي، سرديءَ ٻين حالتن سبب پنهنجو جسماني نظام صحيح رکي سگهندا آهن. ان جو سبب هي آهي ته جيت ٿڌي رت (COLD BLOOD) وارا جانورا آهن ۽ منجهن رت جي گرميءَ واري درجه کي ساڳي سطح تي رکڻ جي قوت بلڪل ڪو نه اهي ان ڪري حالتن مطابق پنهنجي زندگيءَ ۾ ڦير گهير ۽ نمايا تبديلي آڻين ٿا ۽ پنهنجي وجود کي قائم رکڻ لاءِ مختلف اقدام ڪندا آهن. انهيءَ ڪانسواءِ گهربل خوراڪ جي موجودگي، جيتن جي واڌ ۽ تعداد لاءِ بيحد اهميت رکي ٿي ۽ اها جيتن جي شماري حد کي به ڪنٽرول ۾ رکي ٿي.

خوراڪ جي قسم تي پڻ جيتن جي عمر وڌڻ ۽ مادين جي ڦرجڻ جو مدار آهي، ڪيترا جيت غير موزون حالتن ۾ خوراڪ جي ڪمي واري عرصي ۾ پاڻ کي زنده ته رکي سگهن ٿا پر ڪاڏو خوراڪ کين واپرائين ۽ حالتن جي سڌرڻ تائين ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو گرم علائقن وارا جيت سردي جي موسم ۾ آني يا ڪينئڻ جي حالت ۾ گذاريندا آهن ۽ سردي علائقي وارا جيت وري گرميءَ جي موسم ۾ اهڙيءَ طرح گذارين، سرديءَ ۾ اهڙي آرام ڪرڻ کي (HIBERNATION) سياري واري ننڊ ۽ گرميءَ ۾ آرام کي اونهاري واري ننڊ (AESTIVATION) سڏيو ويندو آهي. رت جوسيندڙ جيتن جهڙوڪ منگهڻ (BEDBUG) جوڻ (LOUSE) کي ڪاڏو هر وقت موجود نه هوندو آهي ۽ اهي سواءِ ڪاڏي کائڻ جي ڪافي عرصو ائين رهي سگهن ٿا.

هر هڪ جاندار پنهنجي اڪ اهڙي ماحول ۾ ڪولي ٿو جتي سندس اهم ۽ بنيادي ضرورتون جهڙوڪ هوا ڪاڏو ۽ اجهو ميسر هجن. اهڙي ماحول ۾ هن کي چند مخالف حالتن جهڙوڪ دشمن، ڪاڏي

جي ڪمي، آب وهوا جي ڦيري ۽ پنهنجي ئي نسل جي جانورن جي مقابلي سان واسطو پوي ٿو. اصولي طور تي هر جاندار اهڙي ماحول ۾ پنهنجي مخالف حالتن تي قبضو ۽ تسلط پيدا ڪرڻ چاهيندو آهي ۽ موجوده حالتن مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪرڻ جي اڻٽڪ ڪوشش ڪندو آهي. جنهن سبب ڪيس نئين ماحول جي آڌار حياتي گذارڻ جو سعيو ڪرڻو پوي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سرد علائقن ۾ رهندڙ جانورن کي سخت سردي برداشت ڪرڻ جي ترڪيب ڪرڻي پوندي ۽ گرم علائقن ياريگستان ۾ رهندڙ تبديليون ڪرڻيون پونديون، نہ رڳو ايترو پر رات ۽ ڏينهن جي گرميءَ جي درجہ ۾ فرق سبب پڻ ڪين جدا جدا بچاءَ جا طريقا تلاش ڪرڻا پوندا. اهو ئي سبب آهي جو دنيا اندر مختلف مقامن تي مختلف جانورن جا ميڙ نظر ايندا.

ازا نسواءِ هر جاندار کي پنهنجي آس پاس واري ماحول کي پنهنجي ضرورتن مطابق تيار ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي جيئن سندس زندگيءَ جون ضرورتون آسانيءَ سان دستياب ٿي سگهن.

هلندڙ

پاڪ فوج کي سلام

ڇهہ سيپٽمبر جرئت، جوانمردي ۽ بهادري جو ڏينهن انهيءَ ڏينهن پاڪ فوج جنهن جرئت ۽ بهادري سان دشمن جو مقابلو ڪري هن جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملايو. انهيءَ ڏينهن جي يادگار جي موقعي تي

النور بڪ ڊيپو پاران پاڪ فوجي جي جوانن جن راهہ حق ۾ شهادت نوش ڪيو انهن کي عقيدت جا سلام پيش ٿا ڪريون.

پاران

النور بوڪ ڊيپو

نزد مهراڻ ماڊل اسڪول پنوعاقل

# ★تعارف★

سائنسي جاڻ ؟ ۽ ان جي پڙهندڙن جو همدرد، انسانيت جي خدمت لاءِ پاڻ کي ارپيندڙ 62 سالن جي عمر ۾ بہ پاڻ جوانن کان وڌيڪ جفاڪشن ۽ محنتي، نيڪ سيرت وصورت ۽ قائد عوام تحقيقاتي اداري لاڙڪاڻي جو سابق ڊائريڪٽر الحاج مير محمد ايم مهر زرعي ميدان ۾ ڪنهن بہ تعارف جو محتاج نہ آهي.

نئين نسل کي زرعي سائنسز بابت جاڻ ڏيڻ لاءِ هن صاحب جا لکيل مقالا نہ صرف "سائنسي جاڻ" لاءِ قابل فخر آهن، پر پڙهندڙ لاءِ بہ منجهن بي بها خزانو آهي.

پاڻ سال 1953ع ۾ سنڌي فائينل امتحان اٺين نمبر تي پاس ڪري انگريزي ۾ داخلا ورتي سال 1959ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري سنڌ زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام ۾ داخل ٿي سال 1963ع ۾ بي ايس سي ايگريڪلچر ٻهرين نمبر ۾ پاس ڪيائون.

جڏهن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام اڃان ڪاليج هئي ان وقت مهر صاحب 6 سال جيٽن جي شعبي ۾ تدريسي خدمتون سر انجام ڏنيون بعد ۾ 6 سال وري ڪيهہ جي شعبي ۾ اسٽنٽ اينٽامالا جسٽ رهيا. ان کان پوءِ ڏوڪري جي جانورن جي اداري ۾ ڏيڍ سال اينٽا مالا جسٽ رهيا بعد ۾ وري 5 سال زرعي توسيعي کاتي ۾ پلانٽ پروٽيڪشن آفيسر سنڌ رهيا. وري ساڍا ٽي سال سنڌ جا ڊائريڪٽر ٽريننگ رهيا بعد ۾ اڍائي سال سنڌ جي ڪيهہ واري فصل لاءِ پروجيڪٽ ڪو آرڊينيٽر سنڌ رهيا آخر ۾ قائد عوام زرعي تحقيقاتي اداري مان ڊائريڪٽر جي عهدي تان رٽائر ٿيا.

تدريس تحقيق ڪانسواءِ اٽڪل پنج سال مسلسل PTV ۽ ريڊيو پاڪستان خيرپور تان زراعت جي متعلق اهم مسئلن بابت معلومات فراهم ڪندا رهيا ۽ زرعي ڪانفرنسن، ورڪشاپن ۽ ميڙن

۾ سيکيا ڏنائون ۽ جڏهن ٻه ميدان ۾ هن جي خدمت جي ضرورت هوندي آهي، پنهنجو پاڻ کي پيش ڪندو آهي. گذريل سال حج بيت الله جي سلسلي ۾ زمين شريفين ويا. ان خيال سان ته متان سائنسي ڄاڻ لاءِ لکيل مقالي لاءِ قسط جو سلسلو رڪجي وڃي هر هڪ موضوع جون چار چار قسطون مقدس سفر لاءِ اسهڻ کان اڳ ڏيئي پوءِ روانا ٿيا.

هن وقت پنهنجي رهائش گاهه B - 2 همدرد کو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر ۾ "مهر زرعي سروس" نالي ڪلينڪ قائم ڪئي اٿائون. جنهن ۾ آبادگارن جي زمينن تي وڃي غريبداواري مسئلا معلوم ڪري انهن لاءِ حل ڏيڻ ۽ زرعي فصلن جي منصوبه بندي ڪرڻ ۽ مفيد مشورا ڏيڻ شامل آهن.

پاڻ 3 مهينا زرعي تحقيقات لاءِ مطالعاتي دوري تي آمريڪا ۽ ساڍي ٽي مهينا سارياال جنسن جي درجه بندي ۽ استعمال بابت سکيا لاءِ ڄانورن جي بين الاقوامي تحقيقاتي اداري فلپائين پڻ ويا.

ان کان علاوه ڄانورن جي اپت حفاظت ۽ بچاءُ لاءِ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ فلپائين ۽ حيدرآباد دکن، ڀارت پنهنجا مقالا پيش ڪيا. اٽڪل 12 مقالا قومي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيا. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ سوين پروگرام پيش ڪيا.

## خصوصي ڪارناما

1. سارين ۽ چڻن جي فصل جي جيتن کان حفاظت واري ٽيڪنالا جي تيار ڪري آبادگارن تائين پهچائڻ.
2. سارين جي سفيد پتيءَ واري مهلي کي سنڌ ۾ پهريون ڀيرو سڃاڻي سنڌس خلاف روڪٿام جي ٽيڪنالاجي تيار ڪري آباد گارن تائين پهچائڻ.
3. سال 84 ۽ 87 وچ ۾ سنڌ جي ڪمند تي پائريلا جي حملي خلاف 45 هزار ايڪڙن تي زميني ۽ هوائي ڦوهاري سبب سنڌس خاتمو جنهن سبب صرف النور شگر مل کي 34 ڪروڙ روپيه نقصان تي چڪو هو. اڄ تائين اهو روڪيل آهي.
4. 87 - 88 سال دوران ٽر ۾ ڪوئن جي يلگار کي روڪڻ لاءِ ٽر جو 3 ڀيرا دورو ڪري ماڻهن کي تربيت ڏيڻ ۽ دواجو طعمو ناهي ڏيکارڻ ۽ استعمال جو طريقو سمجهائڻ.
5. 87 - 88 سال دوران ٿي مرچن جي فصل جي بيماري توڙي فصل کي موارهي سبب نقصان کان بچڻ جي حڪمت عملي تيار ڪرڻ ۽ آبادگارن تائين پهچائڻ.
6. سنڌ جي چيف سيڪريٽريءَ جي 3 ماڙ بنگلہ ۾ ڪوئن جو وڏڻ ڪتيءَ جي بچا ڪائڻ ۽ سندس گهرواريءَ کي آگر ۾ چڪ پائڻ بعد ۾ انهن جو خاتمو.
7. هڪ وفاقي وزير جي بنگلہ تي سنهين، ڳاڙهين ڪولن جي يلگار کي روڪڻ
8. هڪ سيڪريٽريءَ جي زمين تي نانگن جي وارن کي روڪڻ.
9. آءِ جي سنڌ جي انبن کي ڪارآمدا بنائڻ جيڪي ڪيلي جي فصل سبب ناڪاره ٿيل هئا. وغير، وغيره.

## Heart دل

عبدالسميع جتوئي

دل انسان جي جسم جو سڀ کان مضبوط حصو دل آهي. دل (Heart) هر وقت سسندي ڦنڊندي رهي ٿي، دل انسان جي سڄي جسم تي ڪنٽرول ڪري ٿي.

دل انسان جي مختلف حصن ۾ رت شريانن وسيلي پهچائي ٿي. دل ۾ 4 خانا ٿين ٿا. ٻه خانا مٿين طرف ۽ 2 هيٺين طرف ٿين ٿا. دل جي مٿين طرف وارن خانن کي ڪنوتيون ۽ هيٺين خاني کي وينٽريڪل سڏبو آهي. کاٻي ڪنوتي ۽ ساڄي وينٽريڪل ۾ ۽ ساڄي ڪنوتي کاٻي وينٽريڪل ۾ کلندي آهي. ان کلڻ واري جاءِ تي دل جي وال لڳل هوندي آهي. اهي رت کي ڪنوتي مان وينٽريڪل ڏانهن ته اچڻ ڏين ٿا. پر واپس ٿيڻ نه ٿا ڏين انساني جسم جي دل جي رت واري دؤري کي جاري رکي ٿي. دل سيني ذريعي آڪسيجن نڪتل رت وصول ڪري ٿي. اهي هيٺين ۽ مٿين حصي مان اچن ٿيون. جڏهن دل جي ساڄي ڪنوتي هڪڙجي ٿي ته رت کي ساڄي وينٽريڪل ۾ ڌڪجي ٿي اهڙي طرح دل جو وزن شايد تقريباً 3 پائونڊ آهي.

# انسانی ترقی میں ایکس ریز کا کردار

ناظم احمد قائم خانی

کولمبس جب ہندوستان دریافت کرنے کی مہم پر نکلا تو اس نے اتفاقیہ طور پر سرخ رنگت والے آدمیوں کی نئی دنیا کو ڈھونڈ نکالا، کولمبس اور اس کے ساتھیوں نے اس نئی دنیا کو امریکا کا نام دیا کولمبس کی اس دریافت کی طرح دنیا کی بہت سی دریافتیں اور ایجادیں محض اتفاقیہ طور پر وقوع پذیر ہوئیں ہیں مگر آگے چل کر یہی اتفاقیہ دریافتیں انسانی زندگی کا اہم اور فائدہ مند حصہ بن گئیں ایکس ریز بھی دنیا کی کئی دوسری اتفاقیہ دریافتوں کی طرح محض ایک اتفاقیہ دریافت ہے. ایکس ریز (X-Rays) ایک جرمن نژاد پروفیسر ولیم کونرڈ نے ۱۸۹۵ میں دریافت کی۔

کوئی الیکٹران جب کسی بھاری ایٹموں سے بنی ہوئی چیز سے انتہائی تیز رفتاری سے ٹکرائے تو اس وقت ایکس ریز پیدا ہوتی ہے مگر اس طرح الیکٹرونز کی توانائی جلد ختم ہو جاتی ہے اور ایکس ریز پیدا کرنا انتہائی دشوار ہو جاتا ہے، اس دشواری کو دور کرنے کے لیے ہوا سے پاک ٹیوب استعمال کی جاتی ہے۔ اور اس میں ایک الیکٹروڈ کو بہت زیادہ گرم کر کے الیکٹران پیدا کیے جاتے ہیں ان الیکٹرانوں کو بہت زیادہ وولٹیج دے کر ان کو تیز رفتار بنایا جاتا ہے پھر یہ الیکٹران انتہائی تیز رفتاری سے منفی الیکٹروڈ یعنی اینوڈ سے ٹکراتے ہیں اور اس میں سے ایکس ریز خارج ہوتی ہے۔

ایکس ریز کی وجہ سے طب کے شعبے میں بہت زیادہ ترقی اور آسانیاں پیدا ہوئیں ہیں مگر ایکس ریز اپنے کمالات صرف طب کے شعبے میں ہی نہیں بلکہ صنعت وحرفت کے شعبے میں بھی دکھا رہی ہے ایکس ریز کی ایک اہم خاصیت یہ ہے کہ وہ بہت طاقتور ہوتی ہے اور ہر چیز میں سے باآسانی گذر جاتی ہے ایکس ریز اپنی اسی خاصیت کی بناء پر چمڑے سے بھی گذر جاتی ہے، مگر پھر بھی بعض دھاتوں میں سے ایکس ریز کا گزرنا ممکن نہیں ہے، ایکس ریز بہت چھوٹی ہوتی ہے اور ہماری آنکھوں کو نظر نہیں آتی ہے ایکس ریز کے چھوٹا ہونے کا اندازہ اس بات لگائیے کہ پچاس ہزار روشنی کی شعاعوں ایک انچ لمبی جگہ میں سما سکتی ہیں اور ایکس ریز ان روشنی کی شعاعوں سے بھی پانچ سوگنا چھوٹی ہوتی ہے ایکس ریز انسانی آنکھ سے پوشیدہ رہتی ہے مگر ایک خاص قسم کی پلیٹ اس کو آسانی سے دیکھ لیتی ہے، ان پلیٹوں کی مدد سے ایکس ریز کی تصاویر حاصل کی جاتی ہے، طب کے شعبے میں مریض کے اندرونی جسم کی تصویر ایکس ریز کی مدد سے حاصل کی جاتی ہے، ڈاکٹر کسی بھی مریض کو لٹا کر یا بٹھا کر اس کے نیچے وہ پلیٹ رکھ دیتا ہے اور اوپر سے ایکس ریز گزارتا ہے جس سے اس پلیٹ پر اندرونی جسم کی تصویر آجاتی ہے، ہماری ہڈیاں چونکہ سخت ہیں اور گوشت نرم اس لیے ایکس ریز کی شعاعیں ہڈیوں کو دھندلا دکھاتی ہیں اور چونکہ گوشت سے ایکس ریز آسانی سے گذر جاتی ہے اس لیے اس کو گہرا دکھاتی ہے۔

اسی طرح ہم ٹوٹی ہوئی ہڈی کی تصویر آسانی سے ایکس ریز کی مدد سے دیکھ سکتے ہیں اسی طرح اگر کسی بچے کے پیٹ میں کوئی سوئی ہو یا کوئی پن ہو تو ایکس ریز کی مدد سے اس کی نشاندہی کر کے اسکو نکالا جاسکتا ہے، پھوڑے اور غیر ضروری گوشت کو ختم کرنے کے لیے بھی ایکس ریز انتہائی کارآمد ہے اور ٹی بی کی شناخت اور علاج کے جراثیم کو طاقتور ایکس ریز کی مدد سے ختم کر کے سرطان سے بھی نجات حاصل کی جاسکتی ہے۔

ایکس ریز ایک محدود دریافت نہیں ہے بلکہ یہ ایک ہی وقت میں بہت سے کام سرانجام دے سکتی ہے، طب کے علاوہ صنعت وحرفت کو جدید بنانے میں بھی ایکس ریز کا اہم کردار ہے بڑے بڑے بحری جہازوں اور مختلف قسم کی دھات میں سے ایکس ریز کو گذار کر ان دھاتوں میں موجود ایسے سوراخ جس کو انسانی آنکھ بھی نہ دیکھ سکے ان کو بھی آسانی سے دیکھ لیتی ہے اس کے علاوہ یورپ کے بعض ممالک میں ایکس ریز جوتوں کی دکان پر بھی خدمات انجام دے رہی ہے اگر آپ کوئی جوتا پسند کرلیں تو دکاندار آپ کو وہ جوتا پہنا کر اس کی ایکس ریز سے تصویر لے گا جس سے یہ پتہ چل جائے گا کہ وہ جوتا آپ کے پاؤں میں پورا ہے یا نہیں۔

جہاں ایکس ریز انسانوں کے لیے اتنی فائدہ مند ہے وہیں پر اس کے چند نقصانات بھی ہیں مگر یہ آپ پر منحصر ہے کہ کسی چیز کو اس طرح استعمال کریں کہ اس کے مضر اثرات کم سے کم اور فوائد زیادہ سے زیادہ ہو جائیں اسی طرح طب کے شعبے میں اگر ایکس ریز کا زیادہ سے زیادہ اور اندھا دھند استعمال کریں گے تو یہ ہمارے لیے نقصان دہ ثابت ہوگی، کیونکہ تحقیق سے ثابت ہوا ہے کہ ایکس ریز اگر انسانی جسم پر زیادہ استعمال کی جائے گی تو یہ انسانی جسم میں موجود چند اہم خلیات پر مضر اثرات ڈالے گی۔

مختصراً یہ کہ ایکس ریز نے انسانی ترقی اور خاص طور پر طب کے شعبے کی ترقی میں اہم کردار ادا کیا ہے، اور اتفاقیہ طور پر دریافت ہونیوالی اس شعاع نے انسانی زندگی پر مثبت اثرات ڈالے ہیں، مگر انسانی ذہن نے صرف اسی پر اکتفا نہیں کیا ہے وہ ابھی اس شعاع کو انسانوں کے لیے مزید فائدہ مند بنانے کے طریقوں پر غور کر رہا ہے، اور اپنی فطرت کے عین مطابق ایکس ریز کو مفید بنانے کے لیے مختلف ذرائع استعمال کرتا رہے گا۔

# طب اسلامی میں استعمال ہونے والی جڑی بوٹیاں نہایت مفید اور بے ضرر ہیں

## حکیم جاوید علی مہرا کے مفید طبّی مشورے

سوال : حکیم صاحب میرے بال بہت گر رہے ہیں اور سفید بھی ہو رہے ہیں کافی علاج کروایا مگر کوئی فائدہ نہیں ہوا اور اگر اسی اسپیڈ سے میرے بال گرتے رہے تو ہو سکتا ہے کہ ایک سال میں بالکل گنجی ہو جاؤں گی حکیم آپ سے گذارش ہے کہ کوئی اچھا سا نتیجہ تحریر فرمائیں۔

نائیلہ کنول، عمر 15 سال بی

ج : بیٹی آپ اے پی ہیئر آئیل کی روزبالوں میں اچھی طرح مالش کریں اور ساتھ جوارش آملہ 5 گرام صبح شام استعمال کریں اور اطریفل اسطوخودوس ۵ گرام استعمال کریں ایک ماہ تک۔

سوال : حکیم جی میں دو تین سال سے لیکوریا جیسے موذی مرض میں مبتلا ہوں پیشاب کے ساتھ انڈے کی سفیدی کی طرح رطوبت خارج ہوتی ہے یہ رطوبت کبھی گاڑھی کبھی پتلی جلن کے ساتھ اور بدبودار ہوتی ہے برائے کرم کوئی ایسا نسخہ تجویز کریں کہ میں ہر وقت پاک اور صاف رہ سکوں۔

شائلہ اختر گھوٹکی

ج :۔ محترمہ آپ صفائی کا خاص خیال رکھیں عموماً یہ مرض گندگی اور گندے کپڑوں سے ہوتا ہے اور یہ نسخہ استعمال کریں تج، قلمی، صندل سفید، مغز نکائن ہر ایک 2 تولہ مصری 5 تولہ سفوف بنا کر صبح شام ایک تولہ پانی سے استعمال کریں اور ساتھ اے پی سپاری پاک استعمال کریں۔

سوال :۔ حکیم صاحب میری عمر تقریباً 60 سال ہے دیکھنے میں کافی صحت مند ہوں اور ابھی ایک سال پہلے میں نے تیسری شادی کی ہے مگر اب کافی کمزوری محسوس کر رہا ہوں ابھی بیوی بھی اچھا سلوک نہیں کرتی برائے مہربانی کوئی جادو اثر نسخہ تحریر کریں جس سے میں ایک بار پھر جوان ہو جاؤں۔

گلزار میر جیکب آباد

ج :۔ بھائی صاحب آپ نے کافی غلط کام کیا ہے اس عمر میں آپ کو تیسری شادی زیب نہیں دیتی آپ یہ ادویات استعمال کریں انشاء اللہ اپنے آپ کو جوان محسوس کروگے۔ آپ اے پی مسک کیپ، صبح دودھ سے، اے پی نائٹ پاور کیپ شام دودھ سے بیرونی طور پر طلا لیچ فروگ ایک ماہ تک استعمال کریں۔

سوال :۔ حکیم صاحب بچپن کی غلط کاریوں کی وجہ سے جہاں جنسی طور پر تباہ ہوا ہوں وہاں جسمانی صحت بھی بری طرح متاثر ہوتی ہے ہر وقت چڑچڑاپن اور تھکاوٹ کا شکار رہتا ہوں جنسی خواہش بھی ختم ہو رہی ہے کوئی اکسیر نسخہ تحریر فرمائیں۔

علی گوہر برڑو (نوابشاہ)

جواب :۔ آپ بری صحبت چھوڑ دیں نماز پڑیں اور غذا میں تبدیلی لائیں سیب انگور کا استعمال کریں اے پی نائٹ پاور کیپسول دودھ سے صبح شام ایک ایک کیپ استعمال کریں طلا لیچ فروگ کی بیرونی طور پر مالش کریں اور یہ سفوف بنا کر صبح نہار دودھ سے 5 گرام استعمال کریں نسخہ موصلی سفید موصلی سیاہ اسگند ناگوری سنگھاڑا، جلوتری سب 5 تولہ، مصری 100 گرام سب کوٹ چھان کر استعمال کریں انشاء اللہ فائدہ ہوگا۔

سوال :۔ حکیم صاحب میری عمر 50 سال ہے کافی عرصہ سے کمزوری محسوس کر رہا ہوں فرائض زوجیت بھی ادا نہیں کر سکتا، شرمندگی کا سامنا کرنا پڑتا ہے جلد انزال ہو جاتا ہوں کوئی اچھا سا نسخہ تحریر فرمائیں۔

انور احمد، کوٹ لالو

ج :۔ انور صاحب اللہ پر بھروسہ رکھیں اللہ کرم کرے گا آپ موصلی سفید کو باریک پیس لیں اور روزانہ صبح دودھ میں کھیر بنا کر استعمال کریں اور ساتھ اے پی نائٹ پاور صبح شام دودھ سے استعمال کریں بیرونی طور پر طلا لیچ فروگ کی مالش کریں 5 ہفتے تک آپ بالکل ٹھیک ہو جائیں گے۔

سوال : حکیم صاحب کافی عرصہ سے بیمار ہوں کھٹے ڈکار آتے ہیں روٹی ہضم نہیں ہوتی معدہ کے مقام پر اکثر درد رہتا ہے دن بدن کمزور ہو رہا ہوں کافی علاج کروایا مگر کوئی افاقہ نہیں ہوا بڑی مہربانی کوئی اچھی سے دوا تجویز کریں۔

A.S سکرنڈ

ج :۔ آپ اے پی گیسٹو کل سیرپ کھانے کے بعد صبح دوپہر شام 2 چمچہ استعمال کریں اور ساتھ اے پی گیس گو چورن 6 ماشہ صبح شام 15 دن تک استعمال کریں انشاء اللہ فائدہ ہوگا۔

سوال : حکیم صاحب میں فرسٹ ایئر کی طالبہ ہوں دیکھنے میں ایسا محسوس ہوتا ہے جیسے میں ۱۲ سال کی بچی ہوں آنکھوں کے گرد سیاہ حلقے بھی پڑ گئے ہیں بھوک بھی کم لگتی ہے برائے مہربانی کوئی اچھا سا نسخہ تحریر کریں نواب بانو پشاور۔

ج :۔ بیٹا آپ کھانے میں زیادہ تازہ سبزیاں کھائیں ایک سیب روزانہ صبح استعمال کریں اور یہ نسخہ ایک ماہ تک استعمال کریں این ڈائیو جگر سیرپ دو چمچہ صبح دوپہر شام اے پی گیس گو چورن 6 ماشہ صبح شام پانی سے استعمال کریں اور یہ نسخہ چہرے پر استعمال کریں پھٹکڑی شگفتہ 10 تولہ سمندر جھاگ 1 تولہ سرکہ انگوری 4 تولہ پیس کر رات کو چہرے پر مل کر سو جائیں اور صبح کو صابن سے صاف کر دیں۔

یہ ادویات تیار حالت میں ہم سے منگوائیں

المحمدی طبّی شفاخانہ مسان روڈ روہڑی

# ڪمپيوٽر

**توفيق احمد جتوئي، ڪلاس ڏهون پنو عاقل**

" ڪمپيوٽر (computer) هڪ اهڙي مشين جو نالو آهي، جنهن جا عملن انساني عمل سان ڀيٽي سگهجن ٿا. دراصل ڪمپيوٽر ڪي، انسان ڏسندي ڏسندي، سندس طرز جو هڪ تجزياتي انسان ناهڻ جي انساني خواهش جون پاڙون صدين کان تهذيب جي هندورن ۾ جهولنديون رهيون آهن، جو اڄ کان هزارين سال اڳ چين ۾ ايباڪس (Abacus) ايجاد ڪيو ويو، ماڊرن دور ۾ ڪمپيوٽر، انساني تخليق جو دلچسپ عجوبو آهي، جنهن ۾ سچائي ۽ انتها، ايڪهين صديءَ جي وچ ڌاري ڏسي سگهجي، جڏهن ته ويهن صديءَ جي پوين سالن ۾ هن تخليق جو ٽيسٽنگ سڄي دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هتي اسان ٿورڙي پيٽ ڪنداسون ته، انسان ۽ ڪمپيوٽر ۾ ڪهڙيون شيون مشابهت رکندڙ آهن.

ان پٽ (سمجهو توهان جي اڳيان ڪمپيوٽر جي ڪي بورڊ جي تصوير نهيل آهي)

"ان پٽ" (In Put) اصل ۾ ٻن لفظن جو مجموعو آهي يعني "ان" (In) معني "۾" ۽ "پٽ" (Put) معني وجهڻ / داخل ڪرڻ يعني ته توهان ڪنهن به قسم جي معلومات سي پي يو (SPU) سينٽرل پروسيسنگ يونٽ ۾ انهي ڪري وجهندا آهيو ته جيئن توهان جو گهربل ڪم سولائيءَ سان ٿي وڃي. هن يونٽ ۾ معلومات وجهڻ لاءِ جنهن شيءِ ڪي عام طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي، انهيءَ کي "ڪي بورڊ" (Key boord) سڏيو ويندو آهي ۽ جيڪا معلومات انهيءَ ۾ وجهندا آهيون انهيءَ کي ڊيٽا (Data) سڏيو ويندو آهي.

**پروسيسنگ:.** اسان جيڪا به ڊيٽا ان پٽ ڏيندا آهيون يا ڪي بورڊ وسيلي ڪمپيوٽر مشين ۾ داخل ڪندا آهيون. اها سڌي سي پي يو ۾ وڃي داخل ٿيندي آهي. جتي ڊيٽا مختلف مرحلن مان گذرندي آهي" پروسينگ سڏيو ويندو آهي.

**آئوٽ پٽ:.** ڪمپيوٽر ٽرمينل تي يا پرنٽر وسيلي ڇپي ظاهر ڪرڻ)

پروسيسنگ واري سڄي عمل کان پوءِ جيڪي به نتيجا حاصل ٿيندا آهن، انهن کي ڪمپيوٽر، مانيٽر تي ظاهر ڪري ڏيندو آهي، بس توهان سمجهو ته اهائي مسئلي جي حل واري حاصلات آهي، جنهن کي آئوٽ پٽ سڏيو وڃي ٿو.

اصل ۾ انسان به جڏهن ڪنهن مسئلي کي حل ڪندو يا ڪنهن سوال جو جواب ڏيندو آهي ته اهو به ٽن مرحلن مان گذرندو آهي جنهن کي سادي مثال وسيلي هيئن واضع ڪري سگهون ٿا.

**جيڪڏهن مان پنهنجي دوست ناظم کان اهو سوال ٿو ڪريان ته توهان جنهن ڪتاب کي منهنجي ٽيبل تي اڌ ڪلاڪ اڳ ڏٺو هو، تنهنجو رنگ ڪهڙو هو؟** ته هو انهيءَ سوال کي جواب ڏيڻ واسطي ٽن مرحلن مان گذاريندو.

(1) اول ته هو سوال کي ٻڌندو جيڪا در حقيقت ان پٽ آهي.

(2) انهيءَ کانپوءِ اهو سوال دماغ جي سيلن کي عملي طرح متحرڪ ڪري ڇڏيندو ۽ ذهن يعني ياداشت کان هو اهو تفصيل حاصل ڪندو. ڇئبو ته اهو ئي جيو گهرڙن جي عملي ڪارڪردگي جي سرگرميءَ سببان ۾ ميموري تائين رسڻ ئي دراصل پروسينگ جو عمل آهي، انهيءَ سان گڏ ئي سوال جو جواب فورن هن جي دماغ ۾ تيار ٿي وڃي ٿو.

(3) آخر ۾ ناظم چوي ٿو ته "ڪتاب جي جلد جي رنگ ڳاڙهو هو" بس اها ئي اسان جي آئوٽ پٽ آهي. البته اسان اهو چئي سگهون ٿا ته انسان ۾ ان پٽ (In put) عام طور تي اکين ۽ ڪن وسيلي داخل ٿئي ٿي ۽ وري آئوٽ پٽ (Out Put) يا صوتي آواز يا اشارن (پوءِ اهي اک جي ڇنڀڻ، عضون جي مختلف اشارن) وسيلي ظاهر ٿئي ٿي.

ڪمپيوٽر جي وصف.

سادن لفظن ۾، ڪمپيوٽر هڪ اهڙي اليڪٽرانڪ مشين جو نالو آهي جيڪا اسان جي هدايتن تي هلي اسان جا مسئلا اسان کي حل ڪري

ڏئي ٿي تہ معلومات کي ذخيري ڪري ڇڏڻ جي بہ اهليت رکي ٿي.

يا تہ وري هينئن ڪٺي چئجي تہ هڪ اهڙي اليڪٽرانڪ مشين آهي جيڪا ڳهربل ڪمن کي پروگرام ڪنٽرول جي تحت سر انجام ڏي ٿي.

انهي وصف ۾ هينيان اصلاح استعمال ڪري اجا بہ وڌيڪ بهتر طور تي بيان ڪري سگهجي ٿو.

**(1) ڪمپيوٽر:.**

هيءُ دراصل هڪ لاطيني لفظ "ڪمپيوٽرا" (Computara) تان ورتل آهي، جنهن جو معني آهي ڳڻپ ڪرڻ / حساب ڪرڻ وغيره.

**(2) اليڪٽرانڪ:.**

ڪمپيوٽر بجليءَ وسيلي ئي ڪم ڪري ٿو، جنهن ۾ اليڪٽرانڪ جزا يا سرڪٽ استعمال ڪيا ويندا آهن.

**(3) ڳهربل ٽاسڪ يا ڪم:.**

هن مان اسان جي مراد آهي تہ اهي ڪم جيڪي اسان ڪمپيوٽر رستي ڪرڻ گهرون ٿا، جهڙوڪ حساب ڪتاب/ ليکو چوکو، ڊرائينگس ۽ گرافڪس وغيره.

**(4) پروگرام:.**

هيءُ هدايتن جو انهي سيٽ تي مشتمل هوندو آهي، جيڪو ڪمپيوٽر کي ڳهربل ڪم جي پوائواريءَ يا سر انجميءَ جي لاءِ حڪم هلائيندو آهي.

ڪمپيوٽر کي ڇا جي ڪارڻ ٺاهيو ويو ٿي ۽ ڪيس ڇاجي ڪارڻ ڪتب آندو ويو ٿو.

ڪمپيوٽر، بين الاقوامي سطح تي ٺاهيو ۽ استعمال ڪيو پيو وڃي، جنهن جو سبب هيءُ اهي تہ هيءُ انساني دماغ جي ڀيٽ ۾ وڌن ۽ پيچيده مسئلن کي نهايت ئي سولي ۽ قابل اعتماد طريقي سان حل ڪرڻ ۾ مدد مهيا ڪري ٿو. جنهن کي اجا بہ وڌيڪ سولي مثالي وسيلي واضح ڪري سگهجي ٿو.

ائين نہ رڳو وقت جي بچت ٿئي ٿي پر انساني ذهن انيڪ مونجهارن کان بہ بچيل رهي ٿو. حاصل مقصد تہ، اسان ڪمپيوٽر کي انهيءَ لاءِ استعمال ڪندا آهيون تہ جيئن.

(1) وقت جي بچت ٿي سگهي

(2) پيچيده ڪم سولائي سان سرانجام ڏيئي سگهجن.

(3) مڪمل نتيجا حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ اسان جي ڪارڪردگي بہ وڌائي ٿو.

**ڪمپيوٽر جي اهميت:**

هاڻي توهان مٿين بيان جي روشنيءَ ۾ انهيءَ نتيجي تي سولائيءَ سان پهچي سگهو ٿا تہ، ڪمپيوٽر ڪيترائي اهڙا ڪم جيڪي انسان کان ٿئا ٿي سگهن يا جن جي تڪميل لاءِ انسان ذهن کي ٿڪائيندڙ سرگرمين ۾ ڦاسائي ڇڏي ٿو، اهي سمورا ڪم ڪن پلڪ ۾ هن مشين جي مدد سان مڪمل ڪري سگهجن ٿا ۽ انهن سيني ڳالهين مان ڪمپيوٽر جي اهميت آشڪار آهي.

**ڪمپيوٽر جون صفتون:.**

ڪمپيوٽر انسان ذات جي لاءِ هڪ نعمت آهي، جنهن جون ٿي وڏيون خاصيتون آهن.

1. رفتار (Speed)
2. درستگي (Accuracy)
3. اعتماد/ ڀروسو ڪرڻ جوڳو (Reliability)

**رفتار:**

انسان جي ڀيٽ ۾ ڪمپيوٽر جي رفتار انتهائي تيز آهي، جو ڪمپيوٽر اسان جي هدايتن تي "ملين انسٽرڪشنس في سيڪنڊ يعني هڪ سيڪنڊ ۾ ڏهہ لک هدايتن تي عمل ڪري سگهي ٿو.

پرانٽرنيٽ سڄي دنيا ۾ واقع اهڙن ڪمپيوٽرن تي سلهاڙيل نظام آهي، جيڪي پاڻ ۾ فائيبر آپٽڪس، فون لائين، سيٽلائيٽ ۽ ٻين ميڊيا جي وسيلي گفتگو ڪن ٿا.

1. هيءُ اهڙو وسيلو آهي جنهن جي مدد سان توهان پنهنجن دوستن ۽ فيمليزي ۽ سڄي دنيا سان گفتگو ڪري سگهو ٿا.

## ماهوار سائنسي جاڻ شڪايتي سيل

جناب ڊاڪٽر صاحب

السلام عليڪم عرض تہ اهان جو جاري ڪيل رسالو سائنسي جاڻ ڪنهن دوست کان مليو پڙهي خوشي حاصل ٿي تہ سنڌي زبان ۾ سائنس جي باري ۾ بہ ڪو رسالو شايع ٿئي ٿو.

سائين مان ڏهين ڪلاس جو شاگرد آهان. اسان اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول پٽ شاهہ ۾ پڙهندا آهيون جتي نہ ڪلاس روم پورا آهن نہ وري سائنس جي ليبارٽري ۾ سامان 30 جي ڪلاس روم ۾ 60 ڇوڪرا ويهندا آهيون. مهرباني ڪري اسان جي شڪايت پنهنجي رسالي ۾ شاع ڪري مٿين آفيسرن ڏانهن روانو ڪندا تہ جيئن اسان جو مسئل حل ٿي وڃي.

**حبدار علي منگي**
پٽ شاهہ هالا

پيارا **حبدار علي**

الله اوهان کي خوش رکي.

ٻچا! اوهان جي شڪايتن وارو خط مليو. ڏاڍو افسوس ٿيو جو هن مقابلي واري دور ۾ اوهان تعليم جي بنيادي ضرورتن کان بہ محروم آهيو. گهٽ ۾ گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾ اوهان ڪيئن تعليم حاصل ڪندا هوندا. ويتر سائنس ليبارٽري ۾ سامان نہ هجي تہ پوءِ ڇا پرائيندا ۽ انهن شاگردن سان ڪيئن مقابلو ڪري سگهندا جيڪي ڪليل هوادار ڪمرن ۾ بهترين سامان سان آراستا ليبارٽري مان وقت تي پريڪٽيڪل ڪندا هوندا. اهو مسئلو صرف اوهان جو نہ آهي پر پوري سنڌ جا اسڪول انهن مسئلن جو شڪار آهي. محڪمہ تعليم جي اعليٰ عملدارن کي توجہ ڪرڻ جي گذارش آهي.

### ڪچي تند

ڪچي تند هئي ٽٽي پئي، اوچتو دوستي ٽٽي پئي.
غمن جو ويڙ گهيرو ڪيو، هر خوشي ٽٽي پئي.
ويجهن رشتن فتي ڪيو، سڳي يائري ٽٽي پئي.
هر طرف بي فائي ڏسي، هي دلڙي ٽٽي پئي.
وجوڙي جي احساس ۾، تحيسن زندگي ٽٽي پئي.

## ايڊيٽر جي ڊاڪ

جناب ايڊيٽر ماهوار **"سائنسي جاڻ"**

السلام عليڪم

اسان "سائنسي جاڻ" جولاءِ جي رسالو پڙهيو، جيڪو ڏاڍو سٺو لڳو ۽ جنهن مان ڪافي جاڻ بہ حاصل ڪئي سون. جناب ايڊيٽر صاحب، آءٌ بہ هن رسالي جي نمائندو ٿيڻ چاهيان ٿو. جنهن ڪري شناختي ڪارڊ جي ڪاپي ۽ 2 عدد تصويرون موڪلي رهيو آهيان.

هينئر "سائنسي جاڻ" ڏانهن ڪجهہ معلومات موڪليون ٿا اميد تہ شايع ڪندا.

مهرباني

**راجا محمد علي** دايو گهوٽڪي

پوسٽل ائڊريس مسوخان اعواڻ، تعلقو ضلعو گهوٽڪي

جواب: ادا راجا صاحب، اوهان جا اکر ڏاڍا وڻيا اوهان جي موڪليل دلچسپ معلومات پيش خدمت آهي اڄ کا اوهان اسان جي سات جا ساٿي آهيو. ڪوشش ڪري نئين نسل کي لکڻ لاءِ آماده ڪيو تہ جيئن سندن عمل ۾ شعور ۾ واڌ ٿئي. خط لکڻ جي مهرباني.

سدا سلامت

محترم جناب سائين ڊاڪٽر **صبغت الله** انڊڙ صاحب

السلام عليڪم ورحمة الله برڪاتہ: بعداز آداب و خيريت طرفين عرض اوهان جو خط مورخ 20/6 موصول ٿيو ۽ ان کان پوءِ 2 رسالا سائنسي جاڻ جا بہ مليا. هڪ ننڍو هڪ وڏو خط ۾ تفصيلي ڏک سور معلوم ٿيا ها سائين! آخر ڪار رسالو ڪڍڻو آهي- ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ آهي- بهرحال اوهان طرفان سائنسي جاڻ" جاري ڪيل رسالو، شاگردن لاءِ نهايت مفيد آهي. اهو سلسلو جاري رهڻ گهرجي. مان هت بہ نوجوانن کي انهي ۾ لکڻ لاءِ آماده ڪندس انشا ءالله

**فقط اوهان جو دعاگو**
**قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو**

# سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام 2

## ڇا توهان ڄاڻو ٿا ؟

لطيف الله محمدي (انچارج سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام)

سوال1. انسولين (Insuline) ڇا آهي؟
سوال2. ڪتاب "المناظر" ڇا جي بابت لکيل آهي؟
سوال3. اوزون (Ozone) ڪنهن ۽ ڪڏهن دريافت ڪئي؟
سوال4. ڪهڙي مڇي سڀ کان وڌيڪ تيز رفتار سان ترندي آهي.
سوال5. هائڊرو فون (Hydro phone) ڇا لاءِ استعمال ٿيندو آهي.
سوال 6. سج جي روشني جي رفتار ڪيترا ميل في سيڪنڊ آهي؟
سوال 7. بجلي ناهڻ جو سڀ کان سستو ذريعو ڪهڙو آهي ؟
سوال 8. گرمين ۾ جر جو پاڻي ٿڌو ڇو ٿئي؟
سوال 9. ڪٽ لڳڻ سان لوهہ جو وزن گهٽجي ٿو يا وڌي ٿو؟
سوال 10. کير ۾ ملندڙ ٻن پروٽينس جا نالا ٻڌايو؟

سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام 1 جا ڏهن ئي سوال جا صحيح جواب هيٺين نوجوانن موڪليا جن مان پهرين ڏهن کان قرعہ اندازي ذريعي ڇهن مهينن لاءِ ماهوار سائنسي ڄاڻ روانو ڪيو ويندو.

1. ٽنڊو آدم غلام اصغر خاصخيلي 2. سکر غريب آباد محمد شفيع ملڪ 3. خيرپور پنج هٽي علي اڪبر ڦلپوٽو 4.دائود ڳوٺ ضلع خيرپور نصر الله ڦلپوٽو 5. جنات بلڊنگ پراٽو سکر محمد اڪرم پٽو. 6 گهوٽڪي ارم چنو. 7. رحمون والي گهوٽڪي يار محمد سميجو. 8.ڏهرڪي لونگ خان پيو. 9. پنو عاقل رحمت الله ڪورائي 10. دادلؤ پنو عاقل حيدر بخش.

سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام جي ڏهن ئي سوالن جا صحيح جواب ڏيندڙ جا باقي نالا روهڙي غلام قادر دايو اختر علي دايو، ريحانہ دايو سکر شيخ شينهن محلہ اڪبر علي قاضي ۽ غلام مصطفيٰ قاضي شڪارپور هاٽي درعبدالرسول ابڙو. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مدحبين سومرو، رقيہ سومرو زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام محمد موسيٰ ڪلپر، بدين احمد علي چنہ ٽلهار رحم علي خواجہ .

# 20 صدي جا نامور سائنسدان ۽ مفڪر

ضمير احمد شيرازي (ليڪچرار ڊگري ڪاليج مڪلي)

| | |
|---|---|
| نيو بيڪليند | = پلاسٽڪ سازي جو باني |
| ٽائم برلزلي | = انٽرنيٽ ڊيزائنر |
| البرٽ آئن سٽائن | = ماهر طبيعات |
| راشيد ڪيرسن | = ماهر ماحوليات |
| انريڪو فري | = ماهر ائٽمي طبيعات |
| اليگزنڊر فليمنگ | = ماهر بيڪٽريا لوجيسٽ |
| سمگڊ فرائڊ | = ماهر تخليلي نفسيات |
| رابرٽ گوڊارڊ | = راڪٽ سائنس دان |
| ڪرٽ گوڊيل | = ماهر حساب دان |
| ايڊوٽ هربل | = ماهر خلائي |
| جان مينارڊ ڪنير | = ماهر معاشيات |
| ليڪي فيملي | = ماهر بشريات |
| جين پيليگٽ | = ٻارن جي ماهر نفسيات |
| جانس سالڪ | = ماهر وائرس |
| وليم شاڪلي | = ماهر طبيعات |
| ايلن تورنگ | = ڪمپيوٽر سانسدان |
| جيمس ويسٽن | = ماهر ماليڪيولر |
| فرانس ڪرڪ | = حيوانيات |
| ليڊوڪ وڊگيسٽين | = قلع سفر |
| رائٽ برادران | = باني هوائي جهاز |
| فيلور فار نورٽ | = باني اليڪٽران ٽي، وي |
| ڊاڪٽر عبدالقدير خان | = ماهر ائٽمي سائنسدان |

مٿين سمورن سوالن جا صحيح جواب موڪليندڙ کي 6 مهينن لاءِ ميگزين سائنسي ڄاڻ گهر وېني مفت ملندو. ڪوئز پروگرام ۾ حصو وٺندڙ کي هي ڪوپن ڀري موڪلڻ ضروري آهي. ڪوپن کان سواءِ موڪليل جواب ناقابل قبول آهي.

## ڪوپن سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام

نالو ____________________
پيءُ جو نالو ذات ____________________
ڪلاس ____________________
ايڊريس: ____________________

سوالن جا جواب سادي ڪاغذ تي لکي ڪوپن سان گڏ انجارج سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام پوسٽ باڪس 29 جي پي او سکر جي نالي روانو ڪن.

# تندرستي هزار نعمت آهي

**نالو: روي ڪمار، ڪلاس: اٺون (بي)**

صحت انسان جي لاءِ الله تعاليٰ جي طرفان ڪان ڏنل هڪ تمام وڏو تحفو آهي تنهنڪري ائين به چيو ويندو آهي تہ الله تعاليٰ جي سمورين نعمتيون هڪ پاسي، پر صحت هڪ پاسي. تنهنڪري سنڌ ٻولي ۾ چوڻي آهي تہ "جيءُ خوش تہ جهان خوش" يعنيٰ جيڪڏهن انسان پاڻ تندرست هوندو تہ ان کي دنيا جي هر شيءِ ۾ مزو ايندو. انسان فقط تندرست هوندي هي وڏا وڏا ڪارناما سر انجام ڏئي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن بيمارءِ ڪمزور هوندو تہ ان کان ڪو بہ ڪم نہ ٿي سگهندو ۽ اهو انسان بيماري جي حالت ۾ پنهنجي بت مان بيزار رهندو آهي. ڪو بہ ڪم ڪرڻ لاءِ تندرست هجڻ لازمي آهي ڇاڪاڻ تہ تندرست انسان جو دماغ بہ تندرست رهندو آهي ۽ ان جي مدد سان هي دنيا جا ڪم سر انجام ڏئي سگهندو آهي. صحت مند هجڻ لاءِ صفائي جو هئڻ تمام ضروري آهي. جيڪڏهن ماڻهو صاف سٿرو رهندو تہ هو بيمار نہ ٿيندوءِ هميشہ تندرست رهندو پر جيڪڏهن ماڻهو صفائي جو خيال نہ رکندو ۽ هميشہ گندو رهندو تہ ان کي مختلف قسمن جون بيماريون وڪوڙي ويندييون ۽ هو قدرت جي طرف کان ڏنل تندرستي جهڙي نعمت کان محروم ٿي ويندو.

صفائي جي متعلق مذهب اسلام ۾ تمام گهڻو تاڪيدي فرمايل آهي. صفائي جي لاءِ ايتري قدر چيو ويو آهي تہ "صفائي اڌ ايمان آهي" تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسين صفائي جو خياص خيال رکون ۽ هميشہ صاف سٿرا رهون ائين ڪرڻ سان اسان جي صحت هميشہ سٺي رهندو.

## ٺهڪڙا

هڪ بيوقوف جي گڏهہ وڃائجي ويو تہ ان خدا جو شڪر ادا ڪيو. ان تي هڪ شخص پڇيو تہ تنهنجو گڏهہ وڃائجي ويو آهي تہ تون خدا جو شڪر ادا ڪري رهيو آهين؟ بيوقوف ادا انهيءَ جي ڪري جو آئون پاڻ گڏهہ تي سوار نہ هئس نہ تہ آئون بہ وڃائجي وڃان ها.

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

استاد شاگرد کي: اڙي ڇورا ڦٽي جو ڪونہ ڏيئي آيو آهين شاگرد: سائين ڦٽي گهر ڪو نہ هئي، استاد: پوءِ پاڙي وارن کان وٺين ها. شاگرد: سائين اهي سڀ گنجا آهن.

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

هڪ ڪنجوس همراهہ جي گهر ڪاٺو پٽ ڇائو تہ دائي چيو ابا تنهنجو پٽ ڪاٺو ڄائو آهي تہ ڪنجوس چيو شڪر آهي جو هڪڙي اک جو سرمو بچي پوندو.

**جناب ايڊيٽر صاحب**

# "ڪم جي ڳالهہ"

جيئن تہ سائين هميشہ اسان کي تمام ڪم جي ڳالهہ ٻڌائيندا آهيو هن دفعي مان بہ هڪ ڳالهہ چوڻ چاهيندس ڇاڪاڻ تہ منهنجي نظر ۾ اها بہ هڪ ڪم جي ڳالهہ آهي.

جيئن تہ هر سال جيئان هن سال بہ اسان پنهنجي ملڪ جي سالگره (جشن آزادي) 14 آگسٽ تي ملهائي سون ان ڏينهن تي عمارتن، آفيس ۽ دڪانن تي جهنڊا ۽ جهنڊيون هنيا ويا. اسڪولن ۾ ننڍا وڏا جلسہ ۽ فنڪشن وغيره ڪرايا ويا ۽ ان ڏينهن تي سيني ننڍن توڙي وڏن ٻارڙن کي جهنڊيون ۽ ننڍا جهنڊا هٿن ۾ کنيل هيا. جلسي يا تقير جي ختم تي وڃڻ ڪان پوءِ اهي جهنڊيون ۽ جهنڊا اسان کي تقريب جي جاءِ تي زمين تي ڪريل پيا نظر ايندا آهن. گهڻين ۽ بازارن ۾ روڊن ۽ رستن تي بہ اهي جهنڊيون ۽ جهنڊا هيٺ پيا رلندا آهن. ڇا اسان کي اها ڳالهہ جڳائي ٿي تہ جيڪي جهنڊا ۽ جهنڊيون اسان جي ملڪ جي سڃاڻ آهن. انهن جي اهڙي نموني جي تذليل ٿئي پئي. مان سيني پڙهندڙن کي هن رسالي جي ذريعي اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ جيڪڏهن توهان کي ڪا اهڙي جهنڊي يا جهنڊو هيٺ زمين تي پيل ملي تہ ان کي ڪنهن مخصوص جاءِ تي رکو. (وڌيڪ توهان جي مرضي)

شاهہ محمد عباسي

مهراڻ ماڊل اسڪول پنو عاقل

## سائنسي ڄاڻ ڪوئز پروگرام 1 جا حل ٿيل جواب

(1) لاطيني ٻولي جو لفظ سائنشيا (Scientia) معنيٰ ڄاڻ
(2) خوار زم (افغانستان) (3) بائرو (Biro)
(4) پلوٽو (5) هومو سيپينز (6) ڪاري رنگ جو
(7) ڇاڪاڻ تہ پيٽرول پاڻي کان هلڪي هجڻ ڪري پاڻي جي سطح کان مٿي چڙهي اچي ٿو.
(8) ڪمپيوٽر شروع (Start) ڪرڻ کي.
(9) هڪ جيو گهرڙي تي.
(10) روئنٽجن (Roentgen)

# ميزائل جو تعارف

انور الدين پيو

هر هڪ ملڪ پنهنجي دفاعي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ هر طرح جا طريقا آزمائي ٿو. اهي چاهي فورس وڌائڻ جا هجن يا هٿيارن ناهڻ جا هجن. هر هڪ ملڪ ٻئي ملڪ کان طاقت ۾ اڳتي نڪرڻ چاهي ٿو. جيئن اسان جي پياري ملڪ پاڪستان هندستان کي پرٿوي ميزائل جو منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ جڏهن غوري ميزائل تيار ڪيو ته دنيا حيرت ۾ پئجي وئي سلام آ انهن سائنسدانن کي جن هڪ عظيم ملڪ جي بقا لاءِ اهڙو هٿيار ايجاد ڪيو. جيڪو 13 منٽن جي اندر 1500 سؤ ڪلو ميٽرن جي مفاصلو طئي ڪري دشمن کي نيست نابوت ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

ميزائل ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا اهي ميزائل جيڪي ميزائل بيٽري مان فائر ڪيا ويندا آهن انهن ميزائلن ۾ ڪنهن خاص قسم جي انجڻ نه لڳائي ويندي آهي.

ٻيا ميزائل اهي جيڪي ڪنهن وڏي مفاصلي تي نشانو وٺي لانچر ذريعي فائر ڪيا ويندا آهن اهي ميزائل ٽن حصن تي مشتمل ٿيندا آهن.

1. مهڙ وارو حصو. هن حصي ۾ دشمن کي نقصان پهچائڻ لاءِ ڌماڪي دار مادو پريو ويندو. جيڪو ميزائل جو نشاني تي ڪرڻ مهل تباهي ڪندو آهي.

2. وچون حصون: هن حصي ۾ ميزائل انجڻ کي ايندهن مهيا ڪرڻ لاءِ ايندهن پريو ويندو آهي.

3 هي پويون حصو ٿيندو آهي جنهن ۾ ميزائل کي پنهنجي منزل تي پهچائڻ لاءِ انتهائي طاقتور جهاز جهڙي انجڻ لڳائي ويندي آهي. جيڪا ميزائل کي پنهنجي نشاني تي پهچائيندي آهي.

ميزائل ۾ نجڻ جي حساب سان جيترو ايندهن وڌيڪ پريو ويندو اوترو وڌيڪ مفاصلو طئي ڪندو آهي.

**نوٽ:** ميزائل ايندهن ختم ٿي وڃڻ جي يا انجڻ فيل ٿي وڃڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن ميزائل سڌو سڌو زمين تي ڪري ته نه ڦاٽندو آهي. جنهن جو مثال آمريڪا جا افغانستان تي فائر ڪيل 70 ميزائل آهن. جن مان ٽن ميزائلن جن سواءِ باقي نقصان ڪار ثابت نه ٿيا.

# پيٽروليم

عزير احمد انڊڙ

پيٽروليم يا خام تيل ڪيترن ئي نامياتي مرڪبن مان ٺهيل هوندو آهي. پيٽروليم يا خام تيل زمين تهه جي هيٺان ملي ٿو. اهو پارڻ طور ۽ ڪيميائي صنعت ۾ خام مال طور استعمال ٿئي ٿو. دوائن، هٿراڏو پاڻ بلڊنگ ميٽريل پلاسٽڪ جي شين، رنگ، ڪپڙن ۽ بجلي جي پيدوار لاءِ پيٽروليم جي استعمال ٿئي ٿو. زمين جي اندر مختلف نامياتي مادن جي ٽٽڻ ۽ ڀرڻ سان پيٽروليم ٺهي ٿو. انهن نامياتي مادن ۾ ساموندي جاندار، زميني جاندار جيڪي دريائن رستي سمنڊ ۾ اچن ٿا. سمنڊ جي تري ۾ پيدا ٿيندڙ آبي ٻوٽا، جيڪي واري ۽ سلٽ سان ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. اهي سمورا شامل آهن. نامياتي مادي مان پيٽرول ٺهڻ واري عمل ۾ لکين سال لڳي ٿا وڃن انسان کي هزارين سالن کان پيٽروليم جي استعمال جي خبر آهي. اوائل ۾ اهو ٻيڙيءَ ۾ پارڻ ڪپڙن کي پاڻيءَ کان محفوظ رکڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو. اڳتي هلي ان مان مختلف قسم جو لبريڪينٽس ۽ دوائن جي تياريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جزا حاصل ڪيا ويا. پر ان جي باوجود به 19 هين صدي عيسويءَ تائين پٽروليم جي مڪمل استعمال جي ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي. صنعتي انقلاب کان پوءِ پارڻ جي نون نون قسمن جي ڳولا شروع ٿي ۽ سماجي تبديليءَ سبب بتين ۾ پارڻ لاءِ سستي ۽ سني تيل جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. ماڻهن جي خواهش هئي ته اهي رات جي تاريڪي چائنجڻ باوجود روشنيءَ ۾ ڪم ڪري سگهن ان مقصد لاءِ وهيل مڇيءَ جو تيل استعمال ٿيندو هو. پر اهو مهانگو هئڻ ڪري صرف سرنديءَ وارا ماڻهو ئي استعمال ڪري سگهندا هئا. پر ان جي پوءِ به اڻ وٽندڙ هئي. ان ڪري ڏيئن، بتين ۽ شمعدانن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تيل جي ڳولا شروع ٿي. خام تيل هٿ اچڻ کان پوءِ اسڪاٽش ڪيمسٽ جيس يونگ ۽ ٻين خام تيل مان ڪيترائي پراڊڪٽ تيار ڪيا. 1852ع ۾ ڪئناڊا جي ڊاڪٽر ۽ جيالا جست ابراهام جيسنز نيٽ بهتر پارڻ طور گاسليٽ تيار ڪيو. جيڪو ڪجهه سستو ۽ معيار ۾ بهتر هو 1855ع ۾ آمريڪي ڪيمسٽ بنجامن سيليمين

هڪ رپورٽ شايع ڪئي. جنهن ۾ هن پيٽرول مان ڪار آمد مادن جي تياري بابت ڄاڻ ڏني. پيٽروليم جي اهميت کي محسوس ڪندي ان جي ڳولا وڏي پيماني تي شروع ٿي. نوان نوان کوھ کوٽيا ويا.

اولهہ ۾ سڀ کان پهرين اهڙو کوھ -1857 1859ع ۾ جرمني ۾ کوٽيو ويو. تيل جي کوھ کوٽڻ جي جنهن واقعي وڌيڪ مشهوري ماڻي اهو هو 1859ع ۾ ڪرنل ايڊون ايل ڊريڪ پاران پينسلوانيا ويجهو تيل جو کوھ کوٽڻ اصل ۾ ان اهو ذخيرو ڳولهي لڌو. جتان تيل سميو ٿي. آئل فيلڊ مان حاصل تيل خام تيل ڪيميائي ماڌا ۽ گرمي مان گذاري مان مختلف نهريون شيون ۽ پاڻي ڌار ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ اهو وڏين ٽانڪين ۾ ذخيرو ڪرڻ کان پوءِ صاف ٿيڻ لاءِ رفائنري موڪليو ويندو آهي. رفائنري ۾ پهرين ان جي ڊسٽيليشن ڪئي ويندي آهي.ان دوران مختلف مرحلن تي مختلف پراڊڪٽ حاصل ٿيندا آهن.

## سانڍڻ جهڙيون ڳالهيون

گلن جي خوشبو جي لطف وٺڻ لاءِ ڪنڊن جو چيڀڻ برداشت ڪرڻو پوندو آهي. پئن جو ڏيئي مان روشني ڳولڻ وارا هميشہ اونداهين ۾ ڀٽڪندا آهن. هٿ تي چند ٿاهي روشني جي اميد نہ ڪرڻ گهرجي. اهڙي دوست جي دوستي کان پري رهو جيڪو ايرندڙ سج جو پوڄاري هجي. بيوقوف سان ڪنهن بنگلي ۾ گڏ ويهڻ کان بهتر ڪنهن ڏاهي سان قيد خاني ۾ گڏ ويهجي.

### ★★★★★ اعلان ★★★★★★

ضلع بدين ۾ اسان ماهوار سائنسي ڄاڻ سکر جي لاءِ عيوضي ناز منو مل مهيشوري کي مقرر ڪيو ويو آهي. مئگزين گهرائي پڙهڻ ۽ اشتهار ڏيڻ لاءِ هن سان جلد رابطو قائم ڪيو وڃي.

**ادارو**

## سائنس هڪ خدا پاڪ جي عطا ڪيل نعمت آهي

نعيم الله انڊڙ : ابراهيم ڳوٺ پنو عاقل ضلع سکر

انسان کي سائنس وڏي ڪوجنا کان پوءِ حاصل ٿي آهي مثلاً اجوڪي دور ۾ ڳوڙها گئس ۽ ڪيمياوي هٿيار آهي پر الله تعاليٰ جانورن کي اها سائنس پيدائشي طور عطا ڪيون آهن انهن مان ظربان نالي ٻلي ۾ ٻلتاڪي ڪتي جيترو هڪ بدبودار جانور ٿيندو آهي اندران ۽ ٻاهران نهايت بدبودار آهي. هن کي ڪن ناهن ان جي بدران ٻہ سوراخ آهن اڳيان پير ننڍا ۽ چنبہ تيز هوندا اٿس پڇ ڊگهو هوندو اٿس پويان هوا آواز سان ڪڍندو آهي ان کي هٿيار طور استعمال ڪندو آهي ظربان ڳوهہ جي ڏرو سوراخ تي پهچي ڪري جنهن ۾ ڳوھ جا ٻچاءِ آنا هوندا آهن ان تي پائخانہ وارو سوراخ کي ان کي پڇ سان بند ڪري ان ۾ تي دفعا پويان هوا ڏيندو آهي. جنهن سان ڳوھ بي هوش ٿي ويندي آهي ۽ ڳوھ کي آساني سان کائيندو آهي ۽ آنن ۽ ٻچن کي آساني سان ختم ڪندو آهي. جڏهن ڪوئي ان کي پڪڙيندو آهي تہ ان جي ڪپڙن ۾ پويان هوا ڇڏيندو آهي. جنهن جي بدبوءِ ايترو تہ سخت هوندي آهي جو ڪپڙن کي ڦاڙڻ سان بہ ختم نہ ٿي ٿئي ڪيس جيلهہ ۾ سنڌ نہ ٿيندو آهي مٽي جي جوڙ کان ونئي پڇ جي جوڙ تائين هڪ ئي هڏي هوندي اٿس جڏهن ماڻهو ان کي پڪڙي تلوار جو وار ڪندو آهي تہ تلوار ان تي اثر انداز نہ ٿيندي آهي جو تہ هن جي ڪل تمام سخت آهي هن جي عادت هي بہ آهي تہ واسينگ نانگ کي ڏسندو آهي تہ ان جي ايجهو اچي ڪري تپو کائيندو آهي جڏهن نانگ هن کي پڪڙيندو آهي تہ هي پاڻ کي سڪڙائي رسي جهڙو سنهي ٿي ويندو آهي ۽ نانگ چڱي طرح وڪوڙي ويندو اٿس پوءِ ظربان سڄڻ شروع ٿيندو آهي ۽ هڪ ڦوڪٽ ڪندو آهي ۽ ان سان نانگ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو آهي.

۽ پکين جي تلاش ۾ پٽ تي بہ چڙهي ويندو آهي جڏهن پٽ تان ڪرندو آهي تہ پيٽ کي سجائيندو آهي تانتہ نقصان نہ پهچي.

ڪڏهن ڪڏهن انن جي ڏڻ جي وچ ۾ پهچي ڪري پويان هوا ڏيندو آهي. جنهن ڪري ات چڙوچڙ ٿي ويندا آهن ۽ جت جي لاءِ انهن کي سنڀالڻ مشڪل ٿي ويندو آهي.

# سائنس Science

**محمد رضوان ڪلاس اٺون**

سائنس هڪ شعبو آهي. سائنس اهو علم آهي جيڪو تجربن ۽ مشاهدن ذريعي حاصل ڪيو وڃي ان کي سائنس چئبو آهي. سائنس ۾ ڪجهه هي شعبه آهن. ڊاڪٽري جو شعبو سائنس مان ئي نڪتل آهي. سائنس جي ئي ڪري انسان هن بلندي تي پهتو اهي جيئن تہ ٽيليفون، ٽي وي، ۽ بجلي وغيره اهو سائنس جي ڪري ئي آهي سائنس ۽ انسان جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي سائنس جي مدد سان ئي انسان چنڊ تي پهتو آهي. ۽ ڪيترائي سيارا هوا ۾ ڇڏيا آهن. سائنس انسان کي وڏي بلندي تي پهچايو آهي ۽ ان جي ڪري هر ملڪ ترقي ڪئي آهي ۽ اهي سڀ ميزائل ۽ جهاز وغيره بہ سائنس جي ئي ڪري آهن. انسان سائنس جي ڪري ئي مڪمل آهن ۽ پوري دنيا جا سائنسدان سائنس جي ڪري ئي هڪ وڏي عروج تي پهتا آهن. اڄ ڳالهہ جي هر هڪ جديد شيءِ سائنس تي مشتمل آهي ۽ سائنسدانن ڪيترائي سيارا مٿي موڪليا آهن. جنهن جي ڪري انسان هر شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڳالهائي سگهندا آهيون. سائنس مان اسان کي تمام فائدا آهن. ڪمپيوٽر بہ انسان سائنس جي مدد سان ايجاد ڪيو آهي. تنهن ڪري انسان ۽ سائنس جو پاڻ ۾ گهيرو تعلق آهي. اسان کي گهرجي تہ سائنس تي ڌيان ڏيون ۽ ان مان فائدو حاصل ڪريون.

## سائنسي جاڻ شڪايتي سيل

اوهان جي شهر جو ڪو اجتماعي مسئلو، جهڙوڪ صحت، صفائي، رستن روڊن جي خرابي، گندي پاڻي جي نيڪال جي نالي جي بندش، اسڪول يا ڪاليج جي سائنس ليبارٽري ۾ اڻپورو سامان، اسڪول ڪاليج جي اسٽاف جي ڪمي، اڻپورا ڪمرا، شهر ۾ راند جو ميدان نہ هئڻ،پارڪ جي کوٽ وغيره هجي تہ اسان کي لکي پنهنجو آواز آساني سان متعلقہ اداري تائين پهچايو ۽ **سائنسي جاڻ**" معرفت پنهنجا مسئلا حل ڪرايو.

ياد رکو! اهي مسئلا ذاتي اڻبڻت جي بناءِ تي ۽ غلط معلومات وارا نہ هجن.

انچارج "**سائنسي جاڻ**" شڪايتي سيل
پوسٽ باڪس نمبر 29 جي پي او سکر

# هدايت جا هيرا

**فرمايو پاڻ سڳورن صلي الله عليه واله وسلم**

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

الله جو قسم مان هڪ ڏينهن ۾ هڪ سؤ دفعہ کان وڌيڪ استغفار ڪندو آهيان (بخاري شريف)

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

جڏهن بندو گناهہ جو اعتراف ڪندو آهي پوءِ توبہ ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ ان جو توبہ کي قبول فرمائيندو آهي. (بخاري و مسلم)

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

تمام بني آدم خطاڪار آهن ۽ بهترين خطا ڪار توبہ ڪرڻ وارو آهي. (ترمندي - ابن ماجہ - دارمي)

●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●●

شيطان پنهنجي پروردگار کي عرض ڪيو اي منهنجا رب تنهنجي عزت جو قسم مان تنهنجن بندن کي جيستائين روح انهن جي جسمن ۾ هوندو گمراهہ ڪندو رهندوس. الله عزوجل فرمايو مونکي پنهنجي عزت ۽ بزرگي جي قسم ۽ بلند مرتبي جو مان انهن کي اهميشہ بخشيندو رهندس جيستائين اهي بخشش گهرندا رهندا. (احمد)

# ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو چڪر (Coraban di oxide cycle) بيان ڪريو

**ظهير اٺون اي**

ٻوٽا ماحول مان ڪربان ڊاءِ آڪسائيڊ روشنائي ترڪيب وسيلي حاصل ڪندا آهن. انهن جي جسم ۾ خوراڪي صورت ۾ بند ٿي ويندي آهي جيڪڏهن جانوار هي ٻوٽا کائيندا هن تہ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو ڪجهہ حصو جانورن ۾ جذب ٿي. انهن جي جسم جو حصو بڻجي ويندو آهي. ٻوٽا رات جي وقت ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪندا اهن. جيڪا ماحول ۾ واپس هلي ويندي آهي. اهڙي طرح ڪابان ڊاءِ آڪسائيڊ ماحول ۾ گردش ڪري ٿي. ڇاڪاڻ تہ هر وقت ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ماحول ۾ پهچي ٿي ساڳئي وقت ٻوٽا جزب ڪري وٺندا آهن ان سموري عمل کي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو چڪر (Corbn di Oxide cylcle) چئبو آهي.

# ويهين صدي سائنس ترقي ۾

ضمير احمد شيرازي ليڪچرار ڊگري ڪاليج مڪلي

ويهن صدي سائنسي ميدان ۾ ٻين صدين جي پيٽ ۾ چڱي ترقي ڪئي آهي هن صدي ۾ انسان جي ڀلائي آرام ۽ سڪون لاءِ بيشمار اهڙيون شيون وجود ۾ آيون جن جو اڳ ۾ تصور ئي نہ پئي ڪري ٿي سگهيو. سائنسدانن جيڪي نيون شيون ايجاد ڪيون انهن ۾ ريڊيو آواز تصوير ۽ نشرياتي لهرون، هوائي جهاز، جيٽ جهاز ڪمپيوٽر جهڙيون حيران ڪندڙ شين ڪانسواءِ عام انساني زندگي ۾ سک ۽ سهوليت ڏيندڙ شين سان گڏ خلا ۾ چنڊ جي تسخير جهڙا عظيم ڪارناما هن صديءَ جا بهترين ڪارناما آهن.

انهي ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ جتي هنن نين ايجادن جي ڪري ڪافي سهوليتون آرام ۽ سڪون لاءِ مليون آهن مگر ساڳي وقت انهي ئي صدي ۾ اهڙا مهلڪ ۽ تباهي آڻيندڙ هٿيار ايجاد ٿيا آهن جيڪي اک ڇنڀ ۾ شهرن جا شهر مٽي جي ڍيرن ۾ مٽايو ڇڏين.

هن صدي جون اهم ايجادون ۽ انهن جا ايجاد ڪندڙ ۽ سن وسال.

1. 1901ع ۾ مارڪوني نالي سائنسدان ريڊيائي سگنل سسٽم ايجاد ڪيو.
2. 1903 ۾ رائٽ برادرز هوائي جهاز ايجاد ڪري ان ۾ پرواز ڪئي.
3. 1909 ۾ امريڪہ ۾ پهرويون ريڊيائي نشرياتي سلسلو شروع ٿيو.
4. 1912 ۾ امريڪہ جو بحري جهاز ٽائي ٽي نڪ سمنڊ ۾ ٻڏي ويو.
5. 1941 ۾ امريڪہ ۾ پهرين ٽي وي اسٽيشن ڪم شروع ڪيو.
6. 1945 ۾ جپان جيشهرن هيرو شيما ۽ ناگا ساڪي تي پهريون ايٽمي حملو ڪيو ويو جنهن ۾ هزارين ماڻهو هلاڪ ٿيا.
7. 1945 ۾ دنيا جي پهريون ايٽم بم نيو ميڪس ڪوسٽي ۾ آزمايو ويو.
8. 1961 ۾ يوريگا گارين نالي ماڻهو خلا ۾ قدم رکي پهرين خلاباز جو اعزاز حاصل ڪيو.
9. 1961 ۾ پهريون جيٽ جهاز ٺاهيو ويو.
10. 20 فيبروري 1962 ۾ جان گلين نالي هڪ امريڪي خلا باز زمين جي چوڌاري چڪر ڪاٽيو.
11. 30 آگسٽ 1963 ۾ وائيٽ هائوس آمريڪا ۽ ڪريملين روس جي وچ ۾ خاص ٽيليفون لائن وڇائي وئي جنهن کي هاٽ لائن سڏيو ويو.
12. 31 جنوري 1966 تي روس جي لونا نهم جهاز چنڊ تي روانو ٿيو ۽ 3 فيبروري تي ڪاميابي سان چنڊ جي سطح تي لٿوءِ ڪيتريون ئي تصويرون پڻ ڪڍيائين. چنڊ جي سطح تي لهڻ وارو اهو پهريون خلائي جهاز هيو.
13. 4 مئي 1966 تي پاڪستان جو پهريون تجارتي بحري جهاز العباس سمنڊ ۾ لاٿو ويو.
14. 23 ڊسمبر 1968 تي ڀارت پنهنجو پهريون موسمياتي راڪيٽ مانيڪا نالي خلا ۾ موڪليو.
15. 14 مئي 1973 تي آمريڪا خلا ۾ اسڪائي ليب نالي هڪ تجربہ گاهہ ٺاهي جيڪا آهستي آهستي تباهہ ٿيندي رهي آخر .11 جولاءِ 1979 تي هي خلائي اسٽيشن ٽڪرا ٽڪرا ٿي اولهہ آسٽريليا جي ساحل تي ڪري تباهہ ٿي وئي.
16. مارچ 1975 ۾ آمريڪا جي هڪ ڪمپيوٽر ٺاهڻ واري اداري ايم آئي ايس دنيا جو پهريون پرسنل ڪمپيوٽر (پي سي) عام مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ پيش ڪيو ويو جنهن جي قيمت ان وقت 297 ڊالر رکي وئي.
17. 12 اپريل 1981 ۾ آمريڪا خلائي شٽل نالي خلائي جهاز تيار ڪيو جيڪو زمين تي واپس اچي سگهڻ جي صلاحيت وارو هيو.
18. 28 جنوري 1986 تي چيلينجر نالي هڪ خلائي شٽل آمريڪا خلا ۾ موڪليو جيڪو صرف 72 سيڪنڊن ۾ ئي خلا ۾ ڦاٽي تباهہ ٿي ويو ۽ ان ۾ موجود ست ئي خلا باز فوت ٿي ويا.

26 اپريل 1985 تي سويت يونين جي رياست يوڪرائن جي دارالحڪومت ڪيف کان 90 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي چرنوبل ايٽمي ري ايڪٽر ۾ ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ سوين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا.

18 جنوري 1991 تي پاڪستان جي سائنسدانن انٽار ڪٽا ۾ جناح انٽار ڪٽا رسرچ سينٽر قائم ڪيو.

28 اپريل 1995 تي خوشاب پنجاب ۾ پاڪستان پنهنجو پهريون ايٽمي ري ايڪٽر قائم ڪيو.

# گهوڙي کان بنا گاڏي

ناز منو مل مهيشوري

علائقي ۾ سيپٽمبر 1893ع ۾ گهوڙي کان بنا هلندڙ گاڏيءَ جو ڪامياب تجربو ڪيو ويو. جنهن سان گهوڙن ذريعي هلندڙ گاڏين جو دؤر ختم ٿيو. ۽ هڪ نئين صنعت وجود ۾ آئي. نڪولاس ڪنگو 1870ع ۾ ٽن ڦيٿن تي بنا گهوڙي جي هلندڙ گاڏي ايجاد ڪئي. 1892ع ۾ چارلس دوريا ۽ آٽو موبائيل گاڏي جو ڍانچو تيار ڪيو ۽ 1893ع تائين سندس ڀاءُ (فرنيڪ) ان ڪاڻ هڪ موزون انجڻ تيار ڪري ورتي.

ان تي مختلف تجربا ڪندو رهيو. ٻوءِ هن ۽ سندس ڀاءُ گڏجي آمريڪا ۾ آٽو موبائل گاڏين جي صنعت قائم ڪئي ٻوءِ ٻيا به ڪيترائي ماڻهو ان طرف متوجه ٿيا ۽ اڄ صرف آمريڪا ۾ پنج لک کان وڌيڪ ماڻهو ان صنعت سان لاڳاپيل آهن.

# گرمي جي منتقلي

وسيم عباس چنه ڪلاس ائون

## گرمي جو پسرڻ Conduction of heat

توهان هڪ ٽرامي جي تار ڪٽو ان جو هڪ چيڙو باهه تي ڪجهه وقت لاءِ رکو ڇا ان جو ٻيو چيڙو به گرم ٿئي ٿو؟

ها پر ڇو؟ ان ڪري جي لهرن جسمن جا پرماڻا (ماليڪيول) مسلسل لرزش ڪندا رهندا آهن. جنهن ڪري حرڪي توانائي پيدا ٿئي ٿي ۽ جڏهن نهري جسم جو هڪ چيڙو گرم ڪيو ويو ته ان جا ماليڪيولن جي لرزش ۾ تيزي اچي وئي ۽ ان پنهنجي پروران ماليڪيولن جي لرزش به تيز ڪري ڇڏي اهڙي طرح گرم جاين جي ماليڪيولن جي توانائي پر سان وارين ٿڌين جاين جي ماليڪيولن ڏانهن ئي منتقل ٿيڻ لڳي.

گرمي جو منتقل ٿيڻ هن طريقي کي گرمي جو پسرڻ چوندا آهن. نهرن جسمن ۾ گرمي جي پسرڻ جو اهو ئي واحد طريقو آهي.

**حفيظ شادي ڪارڊ سينٽر**
اسٽيشن روڊ نزد گرلس هاءِ اسڪول روهڙي
پروپرائيٽر: اسد علي منگي ۽ حفيظ الله منگي

# ★مڇر★

ڪامران خان ڪلاس ائون

مڇر هڪ اڏامندڙ جيت آهي، هن کي 48 ڏند ٿيندا آهن. هن جو قد تقريبن اڌ سينٽي ميٽر ٿئي ٿو. هي اڪثر ڪري پاڻي تي ٿئي ٿو. جيڪو تمام گندو هجي. ۽ گند جي ڍير تي ۾ مڇر ٿئين ٿا ۽ مڇر جي ڪري ڪيترون ئي بيماريون ٿين ٿيون. خاص طرح تي مڇر جي چڪ پائڻ سان مليريا جو بخر عام ٿئي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن مڇر جي چڪ پائڻ سا ماڻهون جي جسم تي ڳوڙهي ٿئي ويندي آهي. اهو ان ڪري ته اهو گندي پاڻي ۽ گند جي ڍير تي وهي ٿو. تنهن جي ڪري ان جي ڏندن ۾ جراثيم جي ڪري اها ڳوڙهي ٿئي ٿي ۽ اها بنا ڪنهن علاج جي لهي ويندي آهي. ماڻهن جي انهيءَ لاپروائي سبب مليريا ۽ ٻيون ڪيتريون بيماريون ٿين ٿيون اسان کي صفائيءَ رکڻ گهرجي ۽ پنهنجي آسپاس مان ڪچرو ڪيون ته اسان جي آسپاس مڇر نه ٿيندا ۽ ائين ڪرڻ سان اسان مڇر ۽ ان جي پکڙندڙ بيمارين کان بچي سگهون ٿا ۽ هي ڪو عام جيت نه آهي. ان ڪري اسان کي واٽن تي ۽ پنهنجي آسپاس مڇر مار دوا هڻن گهرجي ۽ جيڪڏهن توهان جي محلي يا توهان جي گهر جي اڳيان نالين جو گندو پاڻي اچي ٿو ته توهان جلدي ٽائون ڪميٽي جي چئرمين ڏانهن خط لکڻ گهرجي ته جيئن توهان مڇر جي بيمارين کان بچي سگهو ۽ مڇر کان هوشيار رهو ان کي هڪ عام جيت نه سمجهو.

# مس نائٹ انگيل

سميع الاهي چنه

يه ايک نرس تهي جن کان نام مس نائٹ اينگل تها ته اٹلي کے ايك شهر «فلارنس» مين 12 مئي 1820 ميں پيد هوئيں ان کا بچپن زياده تر انگلستان مں بسر هوا. ان کی والده نے ن کو خدمت خلق کا مشوره ديا. اسی ليئے انهون نے لنڈن ايڈنبره اور يورپ کے بعض هسپتالون کا معائنه کيا. اور پهر پيرس اور کائزر زورهه کے اداروی ميں نرسنگ کی تربيت حاصل کی. جب جنگ کريميا شروع هوئی تو مس نائٹ انگيل نے وزير جنگ کو اپنی خدمات پيش کی. ور اڑتيس دوسری نرسون کو ساتهه لے کر کريميا روانه هوگيئں ان کا کام تها نرسوں سے کام لے اور دس هزار مريض اور زخمی انسانون کی ديکهه بهال کرے. وه 24 گهنٹے کام ميں رهتی اور خود مريضوی کی ديکهه بهال کرتی. س نے سينٹ ٹامس هسپتال ميں ايك دارالتربيت نائٹ انگيل نرسنگ ٹريننگ هوم بهی قائم کيا. مس نائٹ انگيل نے 13 آگسٹ 1910ع کو نوے سال کی عمر ميں لنڈن ميں وفات پائي.

